## رکوع 3

### منڪرن جو تڪبر ۽ بڪواس. ڪين قيامت جي ڏينهن چا ٿيندو؟

وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ نَرٰى رَبَّنَا ؕ لَقَدِ اسْتَكْبَرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ وَعَتَوْ عُتُوًّا كَبِيْرًا ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ جيڪي ماڻهو (قيامت جي ڏينهن) اسان جي اڳيان حاضر ٿيڻ جو ويساهه ڪونه ٿا رکن سي چون ٿا ته اسان ڏي فرشتا ڇو نه موڪليا ويا آهن؟ يا اسان جو پروردگار (ڇو نه ٿو اسان جي سامهون) اچي ته اسان کيس ڏسون؟ (اهڙن سوالن مان ثابت آهي ته اهي منڪر) تڪبر ڪري رهيا آهن ۽ پاڻ کي تمام وڏو ٿا سمجهن, ۽ هو وڏا سرڪش ٿي پيا آهن.

يَوْمَ يَرَوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ لَا بُشْرٰى يَوْمَئِذٍ لِّلْمُجْرِمِيْنَ وَيَقُوْلُوْنَ حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٢٢﴾

(٢٢) (پر) جڏهن اهي (منڪر) ملائڪن کي (هن دنيا يا آخرت ۾) ڏسندا تڏهن گنهگارن جي لاءِ ڪا خوشيءَ جهڙي ڳالهه نه ٿيندي (ڇو ته ملائڪ ڪين تباهه ڪرڻ لاءِ يا عذاب ڏيڻ لاءِ موڪليا ويندا) اهي منڪر (عذاب يا تباهي کي ايندو ڏسي) چوندا ته هاءِ هاءِ! اهڙي حالت ۾ ڪا اوٽ هجي جا اوهان (عذاب آڻيندڙ ملائڪن) ۽ اسان جي وچ ۾ اچي وڃي.

وَقَدِمْنَآ اِلٰى مَا عَمِلُوْا مِنْ عَمَلٍ فَجَعَلْنٰهُ هَبَآءً مَّنْثُوْرًا ﴿٢٣﴾

(٢٣) ۽ اسان (ان وقت انهن منڪرن جي) عملن ڏي توجهه ڪنداسين ۽ انهن عملن کي (جن کي هو پاڻ لاءِ مفيد سمجهندا هئا) اڏامندڙ ذري ڪري ڇڏينداسين.

اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ يَوْمَئِذٍ خَيْرٌ مُّسْتَقَرًّا وَّاَحْسَنُ مَقِيْلًا ﴿٢٤﴾

(٢٤) (پر نيڪ عمل ڪندڙ) جنتي ماڻهو انهيءَ ڏينهن بهترين مڪان ۾ رهندا (۽ بهترين حالت ۾ هوندا) ۽ بهترين آرامگاهه حاصل ڪندا.

وَيَوْمَ تَشَقَّقُ السَّمَآءُ بِالْغَمَامِ وَنُزِّلَ الْمَلٰٓئِكَةُ تَنْزِيْلًا ﴿٢٥﴾

(٢٥) ۽ جنهن ڏينهن آسمان ڪڪرن سان ڦاٽي پوندو ۽ فرشتن کي هڪبئي پٺيان موڪليو ويندو.

اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذِ ۨالْحَقُّ لِلرَّحْمٰنِ ؕ وَكَانَ يَوْمًا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ عَسِيْرًا ﴿٢٦﴾

(٢٦) تنهن ڏينهن حقيقي بادشاهي (ڪليءَ طرح) رحمان خدا جي هوندي ۽ اهو ڏينهن ڪافرن لاءِ بيحد سخت ٿيندو.

وَيَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِى اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُوْلِ سَبِيْلًا ﴿٢٧﴾

(٢٧) انهيءَ ڏينهن ظالم (نافرمان) شخص (افسوس منجهان) پنهنجي هٿن کي چڪ پائيندو ۽ چوندو ته جيڪر حضرت رسول(ﷺ) سان گڏ (سندس ڏيکاريل) رستو اختيار ڪيان ها (ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها).

يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِىْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿٢٨﴾

(٢٨) (۽ پڻ چوندو ته) هاءِ منهنجي بدبختي! مان جيڪر فلاڻي (برغلائيندڙ) کي دوست نه بنايان (ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها).

لَقَدْ اَضَلَّنِىْ عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ جَآءَنِىْ ؕ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ خَذُوْلًا ﴿٢٩﴾

(٢٩) هيءَ حقيقت آهي ته جڏهن مون وٽ (خدائي) نصيحت ۽ پيغام اچي چڪو هو تنهن بعد هن (شيطان) مونکي برغلائي گمراهه ڪري ڇڏيو ۽ (بيشڪ) شيطان (هميشه کان) انسان کي (برغلائي) خوار خراب ڪندڙ آهي.

وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِی اتَّخَذُوْا هٰذَا
الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ﴿۳۰﴾

(٣٠) ۽ حضرت رسول(ﷺ) چوندو ته، اي منھنجا رب! منھنجي قوم جي ماڻھن (يعني مڪي جي قريش منڪرن) هن قرآن کي نہ مڃيو هو (۽ ان کي بيوقوفيءَ جي بڪواس سمجھيو هو).

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِیٍّ عَدُوًّا مِّنَ
الْمُجْرِمِیْنَ ؕ وَكَفٰی بِرَبِّكَ هَادِیًا وَّنَصِیْرًا ﴿۳۱﴾

(٣١) ۽ (اهو خدائي قانون آهي جو) اهڙيءَ ئي طرح اسان هرهڪ نبيءَ لاءِ گنھگارن منجھان هڪڙو دشمن بنايو هو. (پر اي پيغمبر ياد رک ته) تنھنجو پروردگار هدايت ڪرڻ (۽ ڪاميابي جي واٽ ڏيکارڻ) ۽ مدد ڪرڻ لاءِ بلڪل ڪافي آهي.

وَقَالَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَیْهِ
الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۚۛ كَذٰلِكَ ۚۛ لِنُثَبِّتَ بِهٖ
فُؤَادَكَ وَرَتَّلْنٰهُ تَرْتِیْلًا ﴿۳۲﴾

(٣٢) ۽ جن ماڻھن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي (هيئن به) چون ٿا ته ڇو نه قرآن هن تي (يعني حضرت جن تي) هڪ ئي وقت (هڪ گھڙيءَ ۾) نازل ڪيو ويو آهي؟ (جواب هي آهي ته) اهڙيءَ طرح (آهستي آهستي) هن لاءِ (نازل ڪيو ٿو وڃي) ته (اي پيغمبر!) تنھنجي قلب کي ان جي وسيلي مضبوط ۽ قائم رکون، ۽ اسان ان کي ٿورو ٿورو ڪري (مصلحت موجب) پڙهي ٻڌايو آهي.

وَلَا یَاْتُوْنَكَ بِمَثَلٍ اِلَّا جِئْنٰكَ بِالْحَقِّ وَ
اَحْسَنَ تَفْسِیْرًا ﴿۳۳﴾

(٣٣) ۽ توڙي جيڪي سوال اهي ماڻھو پيش ڪن ٿا تن جو صحيح ۽ سھڻو جواب چڱي سمجھاڻيءَ سان توڏي موڪليندا رهون ها.

اَلَّذِیْنَ یُحْشَرُوْنَ عَلٰی وُجُوْهِهِمْ اِلٰی جَهَنَّمَ ۙ
اُولٰٓىِٕكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضَلُّ سَبِیْلًا ﴿۳۴﴾

(٣٤) جن ماڻھن کي منھن ڀر دوزخ ڏي گھليو ويندو سي ئي ماڻھو آهن جن جو ٽڪاڻو بلڪل خراب آهي ۽ سڌي رستي کان ڀلجي گمراھ ٿي پيا آهن.

**رڪوع 4**

**رسولن کي نہ مڃڻ ڪري اڳين قومن جي تباهي.**

وَلَقَدْ اٰتَیْنَا مُوْسَی الْكِتٰبَ وَجَعَلْنَا مَعَهٗۤ
اَخَاهُ هٰرُوْنَ وَزِیْرًا ﴿۳۵﴾

(٣٥) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان حضرت موسيٰ کي ڪتاب ڏنو هو، ۽ ساڻس گڏ سندس ڀاءُ هارون کي وزير ڪيو هو.

فَقُلْنَا اذْهَبَاۤ اِلَی الْقَوْمِ الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا
بِاٰیٰتِنَا ؕ فَدَمَّرْنٰهُمْ تَدْمِیْرًا ﴿۳۶﴾

(٣٦) پوءِ اسان انھن ٻنھي کي حڪم ڪيو هو ته انھن ماڻھن ڏي وڃو (يعني فرعون ۽ سندس سردارن ڏي ڪين سمجھائڻ لاءِ وڃو) جن اسان جي نشانين کي ٺڪرائي ڇڏيو آهي. (ٻئي پائر ويا ۽ ڪين گھڻوئي سمجھايائون پر هنن نہ مڃيو) تنھن ڪري اسان هنن کي اهڙو تباھ ڪري ڇڏيو جھڙو تباھ ڪرڻ جڳائي.

وَقَوْمَ نُوْحٍ لَّمَّا كَذَّبُوا الرُّسُلَ اَغْرَقْنٰهُمْ وَ
جَعَلْنٰهُمْ لِلنَّاسِ اٰیَةً ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِیْنَ
عَذَابًا اَلِیْمًا ﴿۳۷﴾

(٣٧) ۽ حضرت نوح جي قوم به جڏهن رسولن کي نہ مڃيو تڏهن اسان انھن (نہ مڃيندڙن) کي (وڏي ٻوڏ ۾) ٻوڙي ماريو. ۽ اسان هنن کي (پوين) قومن (جي عبرت وٺڻ) لاءِ نشاني بنايو ۽ (ياد رکو ته پنھنجي قانون موجب) اسن سڀني ظالمن لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

وَّعَادًا وَّثَمُوْدَاۡ وَاَصْحٰبَ الرَّسِّ وَقُرُوْنًا بَيْنَ ذٰلِكَ كَثِيْرًا ﴿۳۸﴾

(۳۸) ۽ (ساڳيءَ طرح) اسان عاد جي قوم کي، ثمود جي قوم کي ۽ الرس جي ماڻهن کي ۽ ٻين گهڻين قومن کي، جي انهن جي وچ واري عرصي ۾ ٿي گذريون، (تن سڀني کي سندن ظلمن سببان برباد ڪري ڇڏيو.)

وَكُلًّا ضَرَبْنَا لَهُ الْاَمْثَالَ ۫ وَكُلًّا تَبَّرْنَا تَتْبِيْرًا ﴿۳۹﴾

(۳۹) ۽ اسان سڀني (ماڻهن) جي سمجهاڻ لاءِ مثال بيان ڪيا، ۽ (سندن انڪار ۽ ظلمن سببان) اسان ڪين بلڪل تباهه ۽ نابود ڪري ڇڏيو.

وَلَقَدْ اَتَوْا عَلَى الْقَرْيَةِ الَّتِيْۤ اُمْطِرَتْ مَطَرَ السَّوْءِ ؕ اَفَلَمْ يَكُوْنُوْا يَرَوْنَهَا ۚ بَلْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ نُشُوْرًا ﴿۴۰﴾

(٤٠) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته هي (منڪر قريش) انهي بستيءَ وٽان گهڻائي ڀيرا لنگهيا آهن، جنهن بستيءَ تي پٿرن جو خراب مينهن وسايو ويو هو (۽ جنهن کي هميشہ لاءِ ويران ڪيو ويو آهي) انهن (قريشن) اها ويران بستي ڪانہ ڏٺي آهي ڇا؟ (ڏٺي ته اٿن) پر هو اها ڳالهہ ئي نٿا مڃين ته (جزا سزا لاءِ) وري ٻيهر جيئرو ٿي اٿبو.

وَاِذَا رَاَوْكَ اِنْ يَّتَّخِذُوْنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا الَّذِيْ بَعَثَ اللّٰهُ رَسُوْلًا ﴿۴۱﴾

(٤١) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن هي ماڻهو توکي ڏسن ٿا تڏهن تنهن جي باري ۾ ڪل چرچا ڪن ٿا (۽ چون ٿا) ته، ڇا هيءُ آهي اهو شخص جنهن کي الله رسول ڪري موڪليو آهي؟

اِنْ كَادَ لَيُضِلُّنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا لَوْلَاۤ اَنْ صَبَرْنَا عَلَيْهَا ؕ وَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ حِيْنَ يَرَوْنَ الْعَذَابَ مَنْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿۴۲﴾

(٤٢) (۽ اهي ڪافر قريش تنهنجي متعلق هيئن بہ ٿا چون ته) جيڪڏهن اسان پنهنجي ديوتائن (جي پوڄا) تي ثابت قدم نہ رهون ها ته هي شخص (يعني پيغمبر) ضرور اسان کي اسان جي ديوتائن کان ڦيرائي گمراهہ ڪري ڇڏي ها، پر جڏهن (جلد ئي) هو عذاب کي اکين سان ڏسندا تڏهن هنن کي معلوم ٿي ويندو ته ڪير (حقيقي) واٽ ڇڏي ڀلجي ويو آهي.

اَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ ؕ اَفَاَنْتَ تَكُوْنُ عَلَيْهِ وَكِيْلًا ﴿۴۳﴾

(٤٣) (اي پيغمبر!) ڇا تو انهيءَ شخص کي ڏٺو آهي جنهن پنهنجي حرص ۽ خواهش کي ڪٽي پنهنجو خد بنايو آهي؟ پوءِ ڇا تون هن جو سنڀاليندڙ ٿي سگهندين (۽ هن کي هدايت واري واٽ تي آڻي عذاب کان بچائي سگهندين ڇا؟

اَمْ تَحْسَبُ اَنَّ اَكْثَرَهُمْ يَسْمَعُوْنَ اَوْ يَعْقِلُوْنَ ؕ اِنْ هُمْ اِلَّا كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿۴۴﴾

(٤٤) يا (اي پيغمبر!) تون هيئن ٿو سمجهين ڇا ته، هنن مان گهڻا (تنهنجون ڳالهيون) ٻڌن ٿا يا سمجهن ٿا؟ (بلڪل نہ) هو ته رڳو ڍور ڍڳا آهن. بلڪ هو ته رستو ڇڏي ڀلجي ويا آهن.

رڪوع 5

**زمين ۽ آسمان ۾ الله تعاليٰ جون ڪارفرمايون ۽ نعمتون**

اَلَمْ تَرَ اِلٰى رَبِّكَ كَيْفَ مَدَّ الظِّلَّ ۚ وَلَوْ شَآءَ لَجَعَلَهٗ سَاكِنًا ۚ ثُمَّ جَعَلْنَا الشَّمْسَ عَلَيْهِ دَلِيْلًا ﴿۴۵﴾

(٤٥) ڇا تو پنهنجي پروردگار (جي ڪافرمائين) ڏي نظر ڪانہ ڊوڙائي آهي، تہ ڪيئن هو پاڇي کي ڊگهو ٿو ڪري. جيڪڏهن هو چاهي ها ته ان کي هڪ هنڌ بيهاري ڇڏي ها. (پر اسان ائين نہ ڪيو ۽ سج کي هڪ هنڌ

بيهاري ڪونہ ڇڏيو جنهن مان فائدي بدران تباهي اچي ها) تنهن ڪري ئي اسان سج کي ان (پاڇي ۽ روشنائي ۽ رات ۽ ڏينهن) جو رهبر ڪيو.

ثُمَّ قَبَضْنٰهُ اِلَيْنَا قَبْضًا يَّسِيْرًا ﴿٤٦﴾

(٤٦) پوءِ اسان ان (پاڇي) کي آهستي آهستي پنهنجي طرف ويڙهيندا اچون ٿا.

وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِبَاسًا وَّالنَّوْمَ سُبَاتًا وَّجَعَلَ النَّهَارَ نُشُوْرًا ﴿٤٧﴾

(٤٧) ۽ اهوئي (خدا) آهي جنهن رات کي توهان جي لاءِ لباس بنايو ۽ ننڊ کي توهان جي لاءِ آرام ۽ راحت (جو وسيلو) بنايائين، ۽ ڏينهن کي ٻاهر نڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ (۽ ڪم ڪاريون ڪرڻ) لاءِ بنايائين.

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ۚ وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً طَهُوْرًا ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ اهوئي (خدا) آهي جو هوائن کي پنهنجي رحمت (يعني برسات) کان اڳي (برسات جي) خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ موڪليندو آهي ۽ اسان )يعني خدا تعاليٰ) آسمان مان پاڪ ڪندڙ پاڻي وسايون ٿا.

لِّنُحْیِۦَ بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا وَّنُسْقِيَهٗ مِمَّا خَلَقْنَآ اَنْعَامًا وَّاَنَاسِيَّ كَثِيْرًا ﴿٤٩﴾

(٤٩) (مينهن جو وسايون ٿا سو) هن لاءِ تہ مئل (يعني خشڪ ۽ ويران) بستيءَ کي جيئرو (يعني سرسبز ۽ آباد) ڪري ڇڏيون ۽ انهن چوپاين جانورن ۽ انسانن کي پاڻي پياريون جي اسان گهڻي تعداد ۾ خلقيا آهن.

وَلَقَدْ صَرَّفْنٰهُ بَيْنَهُمْ لِيَذَّكَّرُوْا ۖ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٥٠﴾

(٥٠) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان ان (نعمت يعني پاڻيءَ) کي انهن (ماڻهن) ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ هو غور ڪن (۽ خدائي نعمتن مان فائدو وٺن ۽ خدا جي حڪمن تي عمل ڪري خوشحال ٿين) پر (افسوس جو) اڪثر ماڻهو بي شڪري ڪرڻ کان باز نہ آيا.

وَلَوْ شِئْنَا لَبَعَثْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ نَّذِيْرًا ﴿٥١﴾

(٥١) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ هرهڪ ڳوٺ يا شهر ۾ هڪڙو خبردار ڪندڙ (يعني رسول) موڪليون ها. (پر ائين ڪرڻ جو ضرور ڪونهي).

فَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَجَاهِدْهُمْ بِهٖ جِهَادًا كَبِيْرًا ﴿٥٢﴾

(٥٢) پوءِ (اي منهنجا رسول تون) هنن ڪافرن جي چوڻ (۽ خواهشن) تي نہ هل، بلڪ هن (قرآن ٻڌائڻ) سان هنن (جي هدايت) لاءِ جهاد يعني سخت ۾ سخت ڪوشش ڪندو رهہ جو وڏي ۾ وڏو جهاد آهي.

وَهُوَ الَّذِيْ مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ وَّهٰذَا مِلْحٌ اُجَاجٌ ۚ وَجَعَلَ بَيْنَهُمَا بَرْزَخًا وَّحِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٥٣﴾

(٥٣) ۽ اهوئي (الله) آهي جنهن ٻن درياهن (يعني سمنڊ ۽ ندين) کي (ڌرتيءَ تي) ڇڏي ڏنو آهي، هيءُ (يعني ندين جو پاڻي) مٺو ۽ پيئڻ ۾ وڻندڙ آهي ۽ هو (يعني سمنڊ جو پاڻي) کارو ۽ ڪوڙو آهي ۽ الله تعاليٰ انهن ٻنهي پاڻين جي وچ ۾ هڪ پردو (يا ديوار) ۽ هڪ روڪ وجهي ڇڏي آهي، جنهن کان اڳتي وڌي نٿا سگهن.

وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ مِنَ الْمَآءِ بَشَرًا فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّصِهْرًا ۗ وَكَانَ رَبُّكَ قَدِيْرًا ﴿٥٤﴾

(٥٤) ۽ اهوئي (الله) آهي جنهن پاڻيءَ مان انسان کي پيدا ڪيو آهي. (انسان مٽيءَ ۽ پاڻي مان ٺهيل آهي. نطفي ۾ بہ پاڻي ۽ ٻيا جزا آهن. نطفي جو خيال ڪري سمجهو تہ) الله تعاليٰ پيڙهين جون مائٽيون ۽ (شادي جي

وسيلي) ساهرن جون مائٽيون بنايون آهن. (انهيءَ لاءِ تہ اسان سڀ پاڻ کي هڪ ڪنٽنب سمجهي هڪ ٻئي سان عدل احسان ۽ محبت جو برتاءِ ڪيون) ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ تنهنجو پروردگار وڏي قدرت وارو آهي.

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُهُمْ وَلَا يَضُرُّهُمْ ؕ وَكَانَ الْكَافِرُ عَلٰى رَبِّهٖ ظَهِيْرًا ﴿۵۵﴾

(٥٥) (ايترين قدرتن ۽ نعمتن هوندي بہ هي بي شڪر ڪافر) ماڻهو خدا کي ڇڏي اهڙين شين جي پوڄا ٿا ڪن جي نڪي ڪين نفعو پهچائي ٿيون سگهن، نڪي نقصان. (حقيقت هي آهي تہ) جنهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سو خدا جي خلاف (شيطانيت جي) مدد ڪري رهيو آهي.

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿۵۶﴾

(٥٦) (ڪافر پلي نافرمان ۽ بي شڪر ٿين) اسان تہ توکي فقط (نيڪي ڪندڙن لاءِ) خوشخبري ٻڌائڻ وارو ۽ (بدعمل ڪندڙن لاءِ) خبردار ڪرڻ وارو بنائي موڪليو آهي.

قُلْ مَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ اِلَّا مَنْ شَآءَ اَنْ يَّتَّخِذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿۵۷﴾

(٥٧) (سو اي پيغمبر!) تون اعلان ڪر تہ مان هن ڪم لاءِ توهان کان ڪا مزوري يا عيوضو تہ ڪونہ ٿو گهران، سواءِ هن (انعام جي) تہ جيڪو چاهي سو پنهنجي پروردگار ڏانهن (وڃڻ جو يعني سعادت حاصل ڪرڻ جو سڌو سهڻو) رستو وٺي هلي.

وَتَوَكَّلْ عَلَى الْحَيِّ الَّذِيْ لَا يَمُوْتُ وَسَبِّحْ بِحَمْدِهٖ ؕ وَكَفٰى بِهٖ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرًا ﴿۵۸﴾ۚۛ

(٥٨) ۽ (اي پيغمبر! خوشخبري ٻڌائڻ ۽ خبردار ڪرڻ واري اعليٰ ڪم ۾) تون انهيءَ هميشہ زنده رهڻ واري خدا تي ڀروسو رک جو ڪڏهن بہ مرڻ وارو ناهي ۽ انهيءَ خدا جي پاڪائي ۽ شان سندس اعليٰ صفتن سان گڏ بيان ڪندو رهہ. اهو خدا پنهنجي ٻانهن جي گناهن ۽ برن ڪمن جي پوري پوري خبر رکندڙ آهي.

نِ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۚۛ اَلرَّحْمٰنُ فَسْئَلْ بِهٖ خَبِيْرًا ﴿۵۹﴾

(٥٩) (اهو خدا سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو) جنهن ڇهن ايامن يا دورن ۾ آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ انهن سڀني شين کي پيدا ڪيو جي انهن جي وچ ۾ آهن. (نہ رڳو پيدا ڪيائين پر) پوءِ بہ بادشاهيءَ جي تخت تي قائم ۽ محڪم رهندو ٿو اچي (يعني سڀ ڪجهہ سندس هٿ ۾ آهي) هو رحمان خدا آهي (جو هر انسان، جانور ۽ چيز جون گهرجون پوريون ڪندڙ آهي.) پڇي ڏس انهيءَ کان جنهن کي (انهن ڳالهين جي) خبر آهي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اسْجُدُوْا لِلرَّحْمٰنِ قَالُوْا وَمَا الرَّحْمٰنُ ۗ اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا وَزَادَهُمْ نُفُوْرًا ﴿۶۰﴾ السجدة ع

(٦٠) ۽ جڏهن انهن (ڪافرن) کي چيو وڃي ٿو تہ توهان رحمان خدا کي سجدو ڪيو (يعني سندس قانونن ۽ حڪمن جي پيروي ڪيو) تڏهن هو چون ٿا تہ ڪير آهي رحمان؟ جنهن جي لاءِ بہ تون اسان کي حڪم ڪندين، تنهن کي اسان سجدو ڪنداسين ڇا؟ (هرگز نہ) ۽ ائين چئي هو (ڪافر حق کان) نفرت ڪرڻ ۾ اڃا بہ وڌيڪ اڳتي وڌن ٿا.

## رکوع 6

**خدا جي سچن ٻانهن جون خصلتون ۽ انهن لاءِ انعام ۽ نعمتون.**

تَبٰرَكَ الَّذِيْ جَعَلَ فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّ جَعَلَ فِيْهَا سِرٰجًا وَّ قَمَرًا مُّنِيْرًا ۝٦١

(٦١) برڪتن وارو ۽ برڪتون عطا ڪندڙ آهي، اهو خدا جنهن آسمان ۾ روشن تارا رکيا ۽ پڻ ان ۾ نهايت ئي روشن بتي (يعني سج) ۽ روشني ڏيندڙ چنڊ رکيو.

وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ خِلْفَةً لِّمَنْ اَرَادَ اَنْ يَّذَّكَّرَ اَوْ اَرَادَ شُكُوْرًا ۝٦٢

(٦٢) ۽ هو ئي اهو خدا آهي جو رات ۽ ڏينهن کي هڪبئي پٺيان لڳاتار آڻيندو رهي ٿو (اهي نعمتون عبرت ڏيندڙ ۽ هدايت ڪندڙ آهن) انهيءَ شخص لاءِ جو نصيحت وٺڻ چاهي ٿو يا شڪر گذاري ڏيکارڻ جو ارادو ڪري ٿو.

وَعِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا وَّ اِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا سَلٰمًا ۝٦٣

(٦٣) رحمان خدا جا سچا ٻانها اهي آهن جيڪي زمين تي نماڻائيءَ سان هلن چلن ٿا ۽ جڏهن جاهل (۽ مغرور) ماڻهو ساڻن (بيهودي نموني سان) ڳالهائين ٿا تڏهن هو ڪين چون ٿا ته شال سلامتي هجي توهان تي (يعني خدا اوهان کي بيهودين ڳالهين کان ۽ عذاب کان بچائي. مان ته صبر ڪيون هليو ٿو وڃان).

وَالَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّ قِيَامًا ۝٦٤

(٦٤) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي پنهنجي پالڻهار جي اڳيان (فرمانبرداريءَ جا) سجدا ۽ بيهڪون ڪندي راتيون گذارين ٿا.

وَالَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا ۝٦٥

(٦٥) ۽ جيڪي خدا کان دعا گهرن ٿا ته، اي اسان جا رب! اسان کان دوزخ جو عذاب هٽائي ڇڏ. بيشڪ ان جو عذاب ڏاڍو سخت عذاب آهي.

اِنَّهَا سَآءَتْ مُسْتَقَرًّا وَّ مُقَامًا ۝٦٦

(٦٦) اهو (دوزخ) يقيناً سخت خراب ٽڪاڻو ۽ رهڻ جي جاءِ آهي.

وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَنْفَقُوْا لَمْ يُسْرِفُوْا وَلَمْ يَقْتُرُوْا وَكَانَ بَيْنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ۝٦٧

(٦٧) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جي جڏهن (پئسا، سامان يا پنهنجون طاقتون) خرچ ڪن ٿا يا ڪم ٿا آڻين تڏهن حد کان ٻاهر نٿا وڃن ۽ فضول خرچي نٿا ڪن، نڪي وري ڪنجوسائي ٿا ڪن. انهن جي سڀ هلت چلت افراط ۽ تفريط (يعني اور ۽ پور) جي وچ ۾ هوندي آهي.

وَالَّذِيْنَ لَا يَدْعُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَلَا يَقْتُلُوْنَ النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ وَلَا يَزْنُوْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ يَلْقَ اَثَامًا ۝٦٨

(٦٨) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي خدا سان گڏ ٻين ديوتائن کي نٿا پڪارين، نڪي سواءِ حق جي ڪنهن به ساهدار (جانور يا ماڻهو) کي قتل ٿا ڪن جن کي قتل ڪرڻ خدا تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي، نڪي زنا ٿا ڪن جيڪو به اهي (ئي) ڪم ڪري ٿو سو (نه رڳو) اهڙن (سخت) گناهن جي سزا پيو ڀوڳيندو. (پر)

يُّضٰعَفْ لَهُ الْعَذَابُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَيَخْلُدْ فِيْهٖ مُهَانًا ۝٦٩

(٦٩) قيامت جي ڏينهن هن کي ٻيڻو عذاب ملندو ۽ انهيءَ عذاب ۾ هميشه ذلت ۽ خواريءَ سان رهندو.

اِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا

(٧٠) پر (انهيءَ تان سزا ۽ عذاب ٽري ويندو) جيڪو توبه ڪندو (يعني انهن بد عملن کان باز ايندو) ۽ (خدا ۾ سچو) ايمان رکندو ۽ عمل به چڱا

فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝٧٠

کندو. پوءِ الله تعالىٰ اهڙن ماڻهن جون برايون چڱائين ۾ بدلائي ڇڏيندو (يعني هو برائيون ڪرڻ ڇڏيندا ۽ نيڪيون اختيار ڪندا. ياد رکو) ته، الله تعالىٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

وَمَنْ تَابَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاِنَّهٗ يَتُوْبُ اِلَى اللّٰهِ مَتَابًا ۝٧١

(٧١) ۽ (ياد رکو ته) جيڪو به گناهه ڇڏي (سڌيءَ واٽ ڏي) موٽي ۽ نيڪ عمل ڪري ته سو حقيقتاً چڱي موٽ کائي خود خدا ڏي موٽي ٿو.

وَالَّذِيْنَ لَا يَشْهَدُوْنَ الزُّوْرَ ۙ وَاِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا ۝٧٢

(٧٢) ۽ اهي (سچا بندا آهن) جيڪي ڪوڙ (۽ ظلم واري ڳالهه) تي شاهدي نٿا ڏين ۽ جڏهن ڪنهن بيهودگيءَ (يا بري ڪم ٿيڻ واري جاءِ) وٽان لنگهن ٿا تڏهن شريفاڻي ڍنگ سان (نه آڪڙ سان)، پاسو ڪري هليا وڃن ٿا.

وَالَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّعُمْيَانًا ۝٧٣

(٧٣) ۽ جيڪي جڏهن ڪين سندن پروردگار جي نشانين سان ڪجهه سمجهايو وڃي ٿو تڏهن انهن تي ٻوڙن ۽ انڌن وانگر ڪري نٿا پون. (پر انهن تي غور ۽ فڪر ٿا ڪن ۽ عقل ڪم ٿا آڻين.)

وَالَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ۝٧٤

(٧٤) ۽ جيڪي دعا ٿا گهرن ته، اي اسان جا پالڻهار! اسان جي زالن ۽ ٻارن (ڪي اهڙو ڪر جو انهن) مان اسان جي اکين کي ٺڏاڻ ۽ خوشي حاصل ٿئي ۽ اسان کي پرهيزگار ماڻهن لاءِ رهبر ۽ رهنما ڪر.

اُولٰٓئِكَ يُجْزَوْنَ الْغُرْفَةَ بِمَا صَبَرُوْا وَيُلَقَّوْنَ فِيْهَا تَحِيَّةً وَّسَلٰمًا ۝٧٥

(٧٥) اهڙن (سچن بندن) کي جنت ۾ ماڙيون ملنديون. جو ته هنن صبر ۽ استقامت سان زندگي گذاري، ۽ (جنت ۾ فرشتا) هنن کي چڱي ڀليڪار ۽ سلامتيءَ جي دعا ڪندي ملندا.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ حَسُنَتْ مُسْتَقَرًّا وَّمُقَامًا ۝٧٦

(٧٦) اهي (سچا بندا) ان (جنت) ۾ هميشه رهندا، ڪهڙي نه چڱي رهڻ جي جاءِ ۽ فرحتن وٺڻ جي جاءِ هوندي!

قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ رَبِّيْ لَوْلَا دُعَآؤُكُمْ ۚ فَقَدْ كَذَّبْتُمْ فَسَوْفَ يَكُوْنُ لِزَامًا ۝٧٧

(٧٧) (اي پيغمبر! منڪرن کي) چئي ڏي ته، جيڪڏهن توهان خدا کي نٿا پڪاريو ته خدا کي توهان جي انڪار سببان ڪابه تڪليف ڪانه ٿي ٿئي، هيءَ حقيقت آهي ته توهان (حقيقتن ۽ مفيد حڪمن کي) ڪوڙو سمجهي مڃڻ کان (عمل ڪرڻ کان) انڪار ڪيو آهي، سو توهان جلد ئي ان جي سزا ڀوڳيندؤ.

## سورت الشعرآءِ - شعرا - شاعِرَ - مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**حضرت جن کي مڪي وارن جي ارڏاين تي فڪرمندي. الله تعالىٰ ڪنهن کي زور سان مؤمن نٿو ڪري**

طٰسٓمّٓ ۝١

(١) طا - سين - ميم

تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۝٢

(٢) هي چٽائي ڪندڙ ڪتاب (قرآن مجيد) جون آيتون آهن.

لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ اَلَّا يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ۝٣

(٣) (اي منهنجا رسول) هي (مکي جا) ماڻهو جو ايمان نٿا آڻين تنهن سبب ممکن آهي تہ تون غم ۽ درد ۾ پاڻ کي جهوري وجهندين (غم نہ کر جلدئي گهڻائي ماڻهو ايمان آڻيندا).

اِنْ نَّشَاْ نُنَزِّلْ عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتْ اَعْنَاقُهُمْ لَهَا خٰضِعِيْنَ ۝٤

(٤) (الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ) جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ آسمان مان انهن (ڪافرن) تہ اهڙي ڪا نشاني (يا معجزو) نازل ڪري سگهون ها جنهن کي ڏسي هنن جا ڪنڌ جهڪي پون ها. (پر اسان نٿا چاهيون تہ زور سان ڪنهن کي مؤمن ڪيون. هر ڪنهن کي پنهنجو عقل هلائي پنهنجي خوشيءَ سان سڌي واٽ وٺڻ گهرجي.)

وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنَ الرَّحْمٰنِ مُحْدَثٍ اِلَّا كَانُوْا عَنْهُ مُعْرِضِيْنَ ۝٥

(٥) ۽ انهن (منڪرن) ڏي جڏهن جڏهن رحمان خدا جي طرف کان نصيحت جي ڪا نئين ڳالهہ اچي ٿي تہ (غور ڪرڻ ڪان سواءِ ئي) منهن ڪٽي ٿا ڦيرائين.

فَقَدْ كَذَّبُوْا فَسَيَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝٦

(٦) سو اهي ماڻهو (اسلام جي حقيقت کي) ڪوڙو ٺهرائي مڃڻ ڪان انڪار ڪري ويٺا آهن. تنهن ڪري انهن وٽ اها ڳالهہ جلد اچي ويندي جنهن تي هو کلي رهيا آهن ۽ ٺوڪون ڪري رهيا آهن.

اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الْاَرْضِ كَمْ اَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ۝٧

(٧) هنن (منڪرن) زمين تي غور سان نظر نہ ڪئي آهي ڇا؟ (هو نٿا ڏسن ڇا) تہ اسان ڪيتري قدر هر قسم جون عمديون شيون ان ۾ ڄمايون ۽ پيدا ڪيون آهن. (ساڳيءَ طرح اسان حق کي دنيا ۾ غالب ڪنداسين.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝٨

(٨) انهيءَ ۾ (يعني عمدين شين جي ڄمائڻ ۾ ماڻهن جي لاءِ) بيشڪ وڏي نشاني آهي پر (افسوس جو هو غور نٿا ڪن ۽) انهن مان گهڻا ايمان نٿا آڻين.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۝٩ ع

(٩) ۽ (ياد رکو تہ) تنهنجو پروردگار بيشڪ وڏي قدرت رکندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي (هو ضرور حق کي غالب ڪندو.)

رڪوع 3

**خدا جي حڪم سان بني اسرائيل کي فرعون جي محڪوميءَ مان جان ڇڏائڻ جون ڪوششون.**

وَاِذْ نَادٰى رَبُّكَ مُوْسٰٓى اَنِ ائْتِ الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٠ۙ

(١٠) ۽ (اي پيغمبر! اهو واقعو ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پروردگار موسيٰ کي سڏيو ۽ حڪم ڏنو تہ تون انهن ظالم ماڻهن ڏي وڃ.

قَوْمَ فِرْعَوْنَ ؕ اَلَا يَتَّقُوْنَ ۝١١

(١١) يعني فرعون جي ماڻهن ڏي وڃ. ڇا هو خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڪونہ ڊڄندا؟

قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ۝١٢ؕ

(١٢) حضرت موسيٰ عرض ڪيو تہ اي منهنجا پروردگار! مون کي هن ڳالهہ جو انديشو آهي تہ هو مون کي ڪوڙو سمجهندا (۽ منهنجي ڳالهہ نہ مڃيندا).

وَ يَضِيْقُ صَدْرِيْ وَلَا يَنْطَلِقُ لِسَانِيْ فَاَرْسِلْ اِلٰى هٰرُوْنَ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ منهنجي دل گهبرائجي ويندي ۽ منهنجي زبان ئي نہ هلندي. سو هارون کي بہ پيغام موڪل (۽ منهنجي مدد لاءِ رسول ڪر).

وَ لَهُمْ عَلَيَّ ذَنْۢبٌ فَاَخَافُ اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ﴿١٤﴾

(١٤) ۽ مون تي هنن جو (قتل جي ڏوهہ) جو الزام آهي (جو مون هنن جو هڪڙو ماڻهو ماري وڌو هو). سو مون کي خوف آهي تہ هو مون کي بہ قتل ڪندا.

قَالَ كَلَّا ۚ فَاذْهَبَا بِاٰيٰتِنَآ اِنَّا مَعَكُمْ مُّسْتَمِعُوْنَ ﴿١٥﴾

(١٥) الله تعاليٰ فرمايو تہ هرگز نہ (هو توکي قتل نہ ڪندا) اوهان ٻئي منهنجي نشانين (يعني ڏنل معجزن) سان (وٺي) وڃو. اسان توهان سان گڏ هونداسين، ۽ (توهان جي پڪار) ٻڌندا رهنداسين.

فَاْتِيَا فِرْعَوْنَ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) سو توهان ٻئي فرعون وٽ وڃو، ۽ کيس چئي ڏيو تہ اسان سڄي جهان جي پروردگار جا موڪليل پيغمبر آهيون.

اَنْ اَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٧﴾

(١٧) (توڏي موڪليا ويا آهيون) هن لاءِ تہ بني اسرائيلن کي (جيڪي تنهنجي ملڪ ۾ آهن) اسان سان گڏ موڪل (تہ اسان کين مصر مان ڪڍي پنهنجي اصلوڪي وطن ڏي وٺي وڃون).

قَالَ اَلَمْ نُرَبِّكَ فِيْنَا وَلِيْدًا وَّ لَبِثْتَ فِيْنَا مِنْ عُمُرِكَ سِنِيْنَ ﴿١٨﴾

(١٨) (حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون اهو حڪم مڃيو ۽ فرعون وٽ ويا ۽ اهو پيغام کيس پهچايائون. تنهن تي فرعون) چيو تہ (اي موسيٰ!) توکي اسان ننڍپڻ ۾ نپايو ۽ پاليو ڪين هو ڇا؟ ۽ تون پنهنجي عمر جا ڪيترائي سال اسان ۾ نہ رهيو هئين ڇا؟ (جو هاڻي احسان فراموش ٿي بني اسرائيلن کي اسان جي غلاميءَ مان ڪڍڻ آيو آهين.)

وَ فَعَلْتَ فَعْلَتَكَ الَّتِيْ فَعَلْتَ وَ اَنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ (هيءَ ڳالھ بہ ياد رک تہ) تو انهيءَ وقت اهو (هڪ مصريءَ کي قتل ڪرڻ وارو) ڪم بہ ڪيو هو جو (توکي ياد هوندو تہ تو سچ پچ) ڪيو هو. تون تہ وڏو احسان فراموش آهين.

قَالَ فَعَلْتُهَآ اِذًا وَّ اَنَا مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) حضرت موسيٰ فرمايو تہ بيشڪ مون ان وقت اهو ڪم ڪيو، هو جو مان ان وقت بي خبر هئس، (تنهن ڪري مون کان خطا ٿي ويئي).

فَفَرَرْتُ مِنْكُمْ لَمَّا خِفْتُكُمْ فَوَهَبَ لِيْ رَبِّيْ حُكْمًا وَّ جَعَلَنِيْ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) سو مان توهان کان ڊڄي ڀڄي ويس. پر پوءِ منهنجي پروردگار مونکي دانائي ۽ سمجھ ڏني ۽ مون کي پيغمبر ڪري موڪليائين.

وَ تِلْكَ نِعْمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَيَّ اَنْ عَبَّدْتَّ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ ڇا اهو بہ ڪو احسان آهي جو تون مون تي ٿڦي يا مڙهي رهيو آهين تہ تو بني اسرائيلن کي غلام بنائي رکيو آهي.

قَالَ فِرْعَوْنُ وَ مَا رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) فرعون (لاجواب ٿي) چيو تہ پلا سڄي جهان جو پروردگار ڪير آهي؟

قَالَ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ﴿۲۴﴾

(٢٤) حضرت موسىٰ جواب ۾ فرمايو ته، (سڀني جهان جو پروردگار اهوئي آهي) جو آسمان ۽ زمين جو (خالق ۽) پروردگار آهي ۽ جيڪي به زمين ۽ آسمانن جي وچ ۾ آهي تنهن جو به (خالق ۽) پروردگار آهي، جيڪڏهن توهان يقين (۽ ايمان) وارا ٿيڻ چاهيو (ته ڏسي سگهو ٿا ته اهائي حقيقت آهي، پر جيڪڏهن گمان ۽ شڪ ۾ ٿاڦوڙا هڻڻ ٿا چاهيو ته انڌائي رهندؤ ۽ تباهه ٿيندؤ).

قَالَ لِمَنْ حَوْلَهٗۤ اَلَا تَسْتَمِعُوْنَ ﴿۲۵﴾

(٢٥) فرعون (وري به لاجواب ٿي ٽوڪ جي نموني) انهن (پنهنجن) ماڻهن کي چيو جيڪي سندس چوڌاري ويٺا هئا ته، ٻڌو نٿا (ته ڇا ٿو چوي؟)

قَالَ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۲۶﴾

(٢٦) حضرت موسىٰ (سندن گهٻرايل حالت جو وجهه وٺي پنهنجي دليل کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ) چوڻ لڳو ته، اهوئي اوهان جو به (خالق ۽) پروردگار آهي ۽ اوهان جي گذاري ويل ابن ڏاڏن جو به (خالق ۽) پروردگار آهي.

قَالَ اِنَّ رَسُوْلَكُمُ الَّذِيْۤ اُرْسِلَ اِلَيْكُمْ لَمَجْنُوْنٌ ﴿۲۷﴾

(٢٧) فرعون (اڃا به وڌيڪ لاجواب ٿي پنهنجي ماڻهن کي) چوڻ لڳو ته، بيشڪ اوهان جو رسول جيڪو اوهان ڏي (اوهان کي سيکارڻ لاءِ) موڪليو ويو آهي سو ته ديوانو آهي.

قَالَ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ وَمَا بَيْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۲۸﴾

(٢٨) حضرت موسىٰ (وڌيڪ) فرمايو ته، جيڪڏهن توهان عقل کان ڪم وٺو ته (سمجهي سگهندؤ ته) اهوئي رب مشرق ۽ مغرب جو (خالق ۽) پروردگار آهي ۽ جيڪي به اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ آهي تنهن جو به (خالق ۽) پروردگار آهي.

قَالَ لَئِنِ اتَّخَذْتَ اِلٰهًا غَيْرِيْ لَاَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُوْنِيْنَ ﴿۲۹﴾

(٢٩) (ويچاري فرعون کي اچي لڳو پنهنجي بادشاهي وڃڻ جو ڊپ سو حضرت موسىٰ کي) چيائين ته، جيڪڏهن تون مون کي ڇڏي ڪنهن ٻئي کي معبود (۽ بادشاهه) ڪري وٺندين ته مان توکي قيد ۾ رکندس.

قَالَ اَوَلَوْ جِئْتُكَ بِشَيْءٍ مُّبِيْنٍ ﴿۳۰﴾ ۚ

(٣٠) حضرت موسىٰ فرمايو ته، ڇا (تون مون کي قيد ڪندين؟) اگرچه مان توڏي چٽي ۽ روشن شيءِ (يعني پڪا دليل ۽ عاليشان معجزا) کڻي آيو آهيان.

قَالَ فَاْتِ بِهٖۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۳۱﴾

(٣١) فرعون (لاچار ٿي) چيو ته، جيڪڏهن تون سچو آهين ته ڀلا اها شيءِ پيش ڪر؟

فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿۳۲﴾ ۚۖ

(٣٢) تنهن تي حضرت موسىٰ پنهنجي لٺ (پَٽ تي) اڇلائي ته هڪدم هڪڙي وڏي چٽي پٽي ازدها يعني بلا يا وڏو نانگ ٿي پيئي.

وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿۳۳﴾ ع

(٣٣) ۽ ٻيو (ڇا ڪيائين جو بغل مان) پنهنجي هٿ ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين ته اهو ناظرين کي چمڪندڙ ڏسڻ ۾ آيو.

رڪوع 3

**حضرت موسيٰ فرعون جي گهرايل جادوگرن کي لاجواب ڪري وڌو ۽ جادوگرن ايمان آندو.**

قَالَ لِلْمَلَاِ حَوْلَهٗۤ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾

(٣٤) فرعون انهن سردارن کي جيڪي سندس اردگرد هئا، چيو ته، بيشڪ هيءُ وڏو هوشيار جادوگر آهي.

يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهٖ ۖ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) هو چاهي ٿو ته، پنهنجي جادوءَ جي زور سان اوهان کي اوهان جي ملڪ مان تڙي ڪڍي. ان حالت ۾ اوهان جي راءِ ڪهڙي آهي؟

قَالُوْۤا اَرْجِهْ وَ اَخَاهُ وَ ابْعَثْ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) هنن (سردارن) جواب ۾ چيو ته، هن کي (يعني حضرت موسيٰ کي) ۽ سندس ڀاءُ کي مهلت ڏي (يعني في الحال ڪين ڪجھ نه چئو) ۽ سيني شهرن ڏي گڏ ڪندڙ قاصد موڪل.

يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سَحَّارٍ عَلِيْمٍ ﴿٣٧﴾

(٣٧) جيڪي (تنهنجي) سيني هوشيار جادوگرن کي (جمع ڪري) تو وٽ وٺي اچن.

فَجُمِعَ السَّحَرَةُ لِمِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٣٨﴾

(٣٨) سو سڀ جادوگر گڏ ڪيا ويا، انهيءَ ڏينهن لاءِ جو (مقابلي لاءِ) مقرر ڪيو ويو ۽ جو معلوم ۽ مشهور ڏينهن هو. (يعني عيد يا جشن جو ڏينهن هو.)

وَّ قِيْلَ لِلنَّاسِ هَلْ اَنْتُمْ مُّجْتَمِعُوْنَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) ۽ (جڏهن گهٽائي ماڻهو ان ڏينهن گڏ ٿي ويا تڏهن) ماڻهن کان پڇيو ويو ته سيئي گڏ ٿيا آهيو؟

لَعَلَّنَا نَتَّبِعُ السَّحَرَةَ اِنْ كَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿٤٠﴾

(٤٠) (چڱو اڄ) ممڪن آهي ته جيڪڏهن اسان جا جادوگر (حضرت موسيٰ سان مقابلو ڪرڻ ۾) غالب رهندا ته (اسان پنهنجي) جادوگرن جي پيروي (وڏيڪ شوق سان) ڪندا رهنداسين.

فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالُوْا لِفِرْعَوْنَ اَئِنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿٤١﴾

(٤١) پوءِ جڏهن جادوگر به اچي ويا تڏهن هنن فرعون کي چيو ته، جيڪڏهن اسان (مقابلي ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام تي) غالب پئجي وڃون ته پوءِ اسان کي انعام ملندو نه؟

قَالَ نَعَمْ وَ اِنَّكُمْ اِذًا لَّمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) فرعون چيو ته، هائو (نه رڳو اوهان کي انعام ملندو پر) توهان ان صورت ۾ منهنجي ويجهو ٿيندؤ. (يعني اوهان کي درباري ڪيو ويندو).

قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰۤى اَلْقُوْا مَاۤ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) حضرت موسيٰ انهن (جادوگرن) کي چيو ته، جيڪي توهان کي پيش ڪرڻو آهي، سو پيش ڪيو. (يعني پنهنجا ڪرشما ڏيکاريو).

فَاَلْقَوْا حِبَالَهُمْ وَ عِصِيَّهُمْ وَ قَالُوْا بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ اِنَّا لَنَحْنُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) تنهن تي هنن پنهنجون رسيون ۽ لٺيون ميدان ۾ اڇليون ۽ چوڻ لڳا ته، فرعون جي عزت جو قسم! اسان ضرور غالب پونداسين.

فَاَلْقٰى مُوْسٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ۚۖ ۝٤٥

(٤٥) (سندن رسيون ۽ لٺيون نانگن وانگر چرندي ڏسڻ ۾ آيون) تنهن تي حضرت موسيٰ به پنهنجي لٺ ميدان ۾ اڇلائي ته (سبحان الله! ڇا ٿيو جو اها لٺ وڏي بلا بڻجي) انهن سيني کي ڳهي ويئي جي ڪوڙا ڏيک هنن ناهيا هئا.

فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ۙ ۝٤٦

(٤٦) تڏهن سڀ جادوگر (ان کي خدائي معجزو سمجهي خدا جي اڳيان) سجدي ۾ ڪري پيا.

قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ ۝٤٧

(٤٧) (۽ بي ڌڙڪ) چئي ڏنائون ته اسان سڄي ڪائنات جي پروردگار تي ايمان آندو آهي.

رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ۝٤٨

(٤٨) (اسان انهيءَ پروردگار تي ايمان ٿا آڻيون) جو موسيٰ ۽ هارون جو پروردگار آهي (يعني انهيءَ رب تي جنهن کي موسيٰ ۽ هارون رب ڪري ٿا مڃين).

قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۬ؕ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّلَاُوصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ۚ ۝٤٩

(٤٩) (فرعون جادوگرن تي ڪاوڙجي) چيو ته ڇا منهنجي اجازت وٺڻ کان اڳ ۾ ئي توهان (مون کي ڇڏي بئي رب تي) ايمان آندو آهي؟ مون کي يقين آهي ته هي (موسيٰ) اوهان جو وڏو آهي (۽ اوهان جو استاد آهي) جنهن اوهان کي جادوگري سيکاري آهي. سو جلد ئي اوهان کي خبر پوندي (ته مان توهان سان ڪهڙيون تعديون ٿو ڪيان). مان توهان جا هٿ ۽ پير آرپار ابتا سبتا وڍائي ڇڏيندس، ۽ اوهان سيني کي سوريءَ تي لٽڪائيندس.

قَالُوْا لَا ضَيْرَ ۫ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ۚ ۝٥٠

(٥٠) هنن (جادوگرن جواب ۾) چيو ته ڪهڙي ڳالهه آهي (آخر ته سڀ ڪنهن کي مرڻو آهي اسان کي ايمان جي لذت ۽ خدا جو راضپو ڪافي آهي) اسان يقيناً پنهنجي رب ڏانهن موٽي وڃڻا آهيون (جو اسان تي پنهنجون رحمتون ۽ نعمتون ڪندو).

اِنَّا نَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لَنَا رَبُّنَا خَطٰيٰنَآ اَنْ كُنَّآ اَوَّلَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ ۝٥١

(٥١) (وڌيڪ چيائون ته) اسان ته اهائي خواهش ٿا رکون ته اسان جو پروردگار اسان جون خطائون معاف ڪري، جو اسان (اوهان مصري ماڻهن ۾) سيني کان اڳ ۾ مؤمن ٿيا آهيون.

رڪوع 4

**حضرت موسيٰ بني اسرائيل کي وٺي روانو ٿيو ۽ فرعون ٻڏي مئو.**

وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰى اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْٓ اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ۝٥٢

(٥٢) ۽ اسان موسيٰ کي وحيءَ جي رستي حڪم ڏنو ته منهنجي ٻانهن (بني اسرائيلن ۽ ٻين مؤمنن) کي راتوواهه (مصر ملڪ مان) ڪڍي وڃ. پڪ آهي ته فرعون ۽ سندس ماڻهو (اوهان کي روڪڻ ۽ پڪڙڻ لاءِ) اوهان جي پوئتان پوندا.

فَاَرْسَلَ فِرْعَوْنُ فِی الْمَدَآئِنِ حٰشِرِیْنَ ﴿۵۳﴾

(٥٣) (انهيءَ وچ ۾) فرعون (چا ڪيو جو سيني) شهرن ڏانهن پنهنجا قاصد موڪليائين (۽ بني اسرائيلن جي خلاف لشڪر گڏ ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳو).

اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ قَلِیْلُوْنَ ﴿۵۴﴾

(٥٤) (۽ چوڻ لڳو ته) هي (بني اسرائيل) هڪ ننڍڙي (۽ هيٺي) ٽولي آهن.

وَ اِنَّهُمْ لَنَا لَغَآئِظُوْنَ ﴿۵۵﴾

(٥٥) (تنهن هوندي به ايتري جرئت ڪئي اٿن جو) اسان جي خلاف غصي جو اظهار ڪرڻ لڳا آهن (يا اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن جيڪي اسان کي غصو ۽ ڪاوڙ ڏياريندڙ آهن.)

وَ اِنَّا لَجَمِیْعٌ حٰذِرُوْنَ ﴿۵۶﴾

(٥٦) ۽ (هو ڏسن ئي نٿا ته) اسان ته بيشڪ وڏو لشڪر آهيون ۽ (هنن جي مقابلي لاءِ اڳ ئي) خبردار (۽ تيار) آهيون.

فَاَخْرَجْنٰهُمْ مِّنْ جَنّٰتٍ وَّ عُیُوْنٍ ﴿۵۷﴾

(٥٧) تنهن ڪري اسان هنن (بني اسرائيلن) کي باغن ۽ چشمن مان ٽڙي ڪڍيو.

وَّ كُنُوْزٍ وَّ مَقَامٍ كَرِیْمٍ ﴿۵۸﴾

(٥٨) ۽ پڻ خزانن ۽ چڱين جاين (يا چڱن عهدن ۽ ڊنڊن) کان اسان کين محروم ڪيو.

كَذٰلِكَ ؕ وَ اَوْرَثْنٰهَا بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ ﴿۵۹﴾

(٥٩) (برابر فرعون ۽ سندس ماڻهن بني اسرائيلن سان) اهڙي هلت ورتي هئي (۽ کين غلام بنائي رکيو هو) پر اسان (يعني الله تعاليٰ پوءِ) بني اسرائيلن کي (شام ملڪ ۾) اهڙين شين (يعني باغن وغيره) جو وارث ڪيو.

فَاَتْبَعُوْهُمْ مُّشْرِقِیْنَ ﴿۶۰﴾

(٦٠) (حضرت موسيٰ ته بني اسرائيلن سان رات جي وقت روانو ٿي ويو) پوءِ صبح جو سج اڀرڻ بعد فرعون ۽ سندس ماڻهو (انهيءَ خبر پوڻ تي) سندن پنيان پيا.

فَلَمَّا تَرَآءَ الْجَمْعٰنِ قَالَ اَصْحٰبُ مُوْسٰۤی اِنَّا لَمُدْرَكُوْنَ ﴿۶۱﴾

(٦١) پوءِ جڏهن ٻنهي ٽولين هڪ ٻئي کي ڏٺو تڏهن حضرت موسيٰ جي ساٿين (ڊڄي) چيو ته. پڪ آهي ته اسان کي پڪڙي وٺندا.

قَالَ كَلَّا ۚ اِنَّ مَعِیَ رَبِّیْ سَیَهْدِیْنِ ﴿۶۲﴾

(٦٢) حضرت موسيٰ فرمايو ته. هرگز ڪونه پڪڙي سگهندا. بيشڪ منهنجو پروردگار مون سان (مددگار) اهي. اهوئي اجهو ٿو مون کي (حفاظت جي) واٽ ڏيکاري.

فَاَوْحَیْنَاۤ اِلٰی مُوْسٰۤی اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ؕ فَانْفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَالطَّوْدِ الْعَظِیْمِ ﴿۶۳﴾

(٦٣) پوءِ اسان موسيٰ کي وحي جي رستي حڪم ڪيو ته سمنڊ تي پنهنجي لٺ هڻ. (هن لٺ هنئي ته) سمنڊ ڇڄي (ٻه ڀاڱا ٿي) پيو. ۽ هرهڪ ڀاڱو هڪ وڏي جبل جهڙو ڏسڻ ۾ آيو.

وَ اَزْلَفْنَا ثَمَّ الْاٰخَرِیْنَ ﴿۶۴﴾

(٦٤) ۽ ٻين کي (يعني فرعون ۽ سندس ماڻهن کي) اسان اتي ويجهو آندو.

وَ اَنْجَیْنَا مُوْسٰی وَ مَنْ مَّعَهٗۤ اَجْمَعِیْنَ ۟ۚ ﴿۶۵﴾

(٦٥) ۽ حضرت موسىٰ کي ۽ سندس سڀني ساٿين کي تہ (دشمن جي لشکر توڙي سمنڊ کان) بچائي ورتوسين.

ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِیْنَ ۟ؕ ﴿۶۶﴾

(٦٦) پر ٻين کي (يعني فرعون ۽ سندس ماڻهن کي) ٻوڙي ڇڏيوسين.

اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ۟ ﴿۶۷﴾

(٦٧) بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي نشاني آهي، (مڪي جي ماڻهن جي عبرت وٺڻ لاءِ) پر انهن مان گهڻا ايمان نٿا آڻين.

وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِیْزُ الرَّحِیْمُ ۟ ﴿۶۸﴾ ع

(٦٨) ۽ تنهنجو رب بيشڪ غالب ۽ مهربان آهي (يعني منڪر مغلوب ٿيندا ۽ مؤمنن تي الله تعالىٰ جي مهرباني ٿيندي).

### رڪوع 5

**حضرت ابراهيم جي، بتن متعلق سمجهاڻي. نيڪ ماڻهن جو مقصد ۽ دعا.**

وَ اتْلُ عَلَیْهِمْ نَبَاَ اِبْرٰهِیْمَ ۟ۘ ﴿۶۹﴾

(٦٩) ۽ (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي حضرت ابراهيم جو قصو بہ ٻڌاءِ.

اِذْ قَالَ لِاَبِیْهِ وَ قَوْمِهٖ مَا تَعْبُدُوْنَ ۟ ﴿۷۰﴾

(٧٠) (انهيءَ وقت وارو حال ٻڌاءِ) جڏهن هن پنهنجي پيءُ کان ۽ پنهنجي قوم جي ماڻهن کان پڇيو تہ توهان ڪنهن جي ٻانهپ ۽ غلامي ٿا ڪيو؟

قَالُوْا نَعْبُدُ اَصْنَامًا فَنَظَلُّ لَهَا عٰكِفِیْنَ ۟ ﴿۷۱﴾

(٧١) هنن جواب ڏنو تہ اسان بتن جي پوڄا ۽ ٻانهپ ڪندا آهيون ۽ انهن وٽ (گهڻو وقت گوڏا پيجي) حاضريءَ ۾ رهندا ۽ ويهندا آهيون.

قَالَ هَلْ یَسْمَعُوْنَكُمْ اِذْ تَدْعُوْنَ ۟ۙ ﴿۷۲﴾

(٧٢) (تنهن تي) حضرت ابراهيم ڪائڻ پڇيو تہ جڏهن توهان انهن بتن کي پڪاريو ٿا تڏهن اهي اوهان جو آواز ٻڌن ٿا ڇا؟

اَوْ یَنْفَعُوْنَكُمْ اَوْ یَضُرُّوْنَ ۟ ﴿۷۳﴾

(٧٣) يا اهي اوهان کي ڪو نفعو يا نقصان بہ پهچائين ٿا ڇا؟

قَالُوْا بَلْ وَجَدْنَاۤ اٰبَآءَنَا كَذٰلِكَ یَفْعَلُوْنَ ۟ ﴿۷۴﴾

(٧٤) هنن ورندي ڏني (تہ نہ!) پر اسان پنهنجي وڏن کي ائين ڪندي (يعني بتن جي پوڄا ڪندي) پئي ڏٺو آهي (سو اسان بہ ائين ٿا ڪيون ۽ ڪندا رهنداسين.)

قَالَ اَفَرَءَیْتُمْ مَّا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ۟ۙ ﴿۷۵﴾ اَنْتُمْ وَ اٰبَآؤُكُمُ الْاَقْدَمُوْنَ ۟ؗۖ ﴿۷۶﴾

(٧٥ ۽ ٧٦) حضرت ابراهيم وري پڇيو تہ پوءِ توهان ڏسي ۽ سمجهي نٿا سگهو ڇا تہ جن جي پوڄا اوهان ڪري رهيا آهيو ۽ اوهان جا اڳوڻا ابا ڏاڏا ڪندا رهيا هئا سي ڪهڙي شيءِ آهن؟ (۽ انهن جي پوڄا مان حاصل ڇا ٿيندو؟).

فَاِنَّهُمْ عَدُوٌّ لِّیْۤ اِلَّا رَبَّ الْعٰلَمِیْنَ ۟ۙ ﴿۷۷﴾

(٧٧) (مان تہ پنهنجي تجربي، عقل ۽ خدائي هدايت جي وسيلي چئو ڏسي سگهان ٿو تہ) اهي سڀ (جن جي پوڄا ٿي رهي آهي سي) منهنجا دشمن آهن (بلڪ سڀني ماڻهن جا دشمن آهن، ڇو تہ انهن جي ڪري سڀ تباهہ ٿا ٿين) فقط سڄي جهان جو پروردگار ئي (منهنجو ۽ ٻين سڀني جو دشمن ناهي، بلڪ اسان جو پلو چاهيندڙ ۽ نعمتون ڪندڙ آهي).

| | |
|---|---|
| الَّذِيْ خَلَقَنِيْ فَهُوَ يَهْدِيْنِ ﴿٧٨﴾ | (٧٨) (اهوپروردگار ئي منهنجي سچڻ آهي) جنهن مون کي خلقيو ۽ اهوئي آهي جو مون کي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو. |
| وَالَّذِيْ هُوَ يُطْعِمُنِيْ وَيَسْقِيْنِ ﴿٧٩﴾ | (٧٩) ۽ جو مون کي کارائي ٿو ۽ پيئاري ٿو. |
| وَإِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ ﴿٨٠﴾ | (٨٠) ۽ جو جڏهن مان بيمار ٿو ٿيان تڏهن مون کي شفا ڏئي ٿو. |
| وَالَّذِيْ يُمِيْتُنِيْ ثُمَّ يُحْيِيْنِ ﴿٨١﴾ | (٨١) ۽ جو مون کي ماريندو ۽ وري جيئاريندو. |
| وَالَّذِيْٓ اَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لِيْ خَطِيْٓـَٔتِيْ يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿٨٢﴾ | (٨٢) ۽ جنهن ۾ منهنجي اميد آهي ته هو جزا ۽ سزا جي ڏينهن منهنجون خطائون بخشيندو. |
| رَبِّ هَبْ لِيْ حُكْمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٣﴾ | (٨٣)(مٿين الفاظن چوڻ بعد حضرت ابراهيم دعا گهري ته) اي منهنجا رب! مون کي علم ۽ عقل عطا ڪر ۽ مون کي صالح (نيڪ) ماڻهن ۾ شامل ڪر. |
| وَاجْعَلْ لِّيْ لِسَانَ صِدْقٍ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿٨٤﴾ | (٨٤) ۽ مون کان پوءِ جيڪي پيڙهيون پيدا ٿيڻيون آهن تن ۾ منهنجو سچو ۽ چڱو ذڪر جاري رک (ته انهن لاءِ منهنجي تاريخ چڱو مثال ٿئي ۽ هو به چڱا عمل ڪن). |
| وَاجْعَلْنِيْ مِنْ وَّرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِيْمِ ﴿٨٥﴾ | (٨٥) ۽ مون کي نعمتن سان ڀريل جنت جو وارث ڪر. |
| وَاغْفِرْ لِاَبِيْٓ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٨٦﴾ | (٨٦) ۽ منهنجي پيءُ کي به بخش، هو بيشڪ گمراهه ماڻهن ۾ شامل آهي. |
| وَلَا تُخْزِنِيْ يَوْمَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٨٧﴾ | (٨٧) ۽ مون کي انهيءَ ڏينهن خوار ۽ شرمسار نه ڪجانءِ، جنهن ڏينهن ماڻهو وري جيئرا ڪري اٿاريا ويندا. |
| يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّلَا بَنُوْنَ ﴿٨٨﴾ | (٨٨) ۽ جنهن ڏينهن نڪي مال ملڪيت ڪم ايندي، نڪي پٽ ڪم ايندا. |
| اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿٨٩﴾ | (٨٩) پر جيڪو ماڻهو سليم (۽ پاڪ) دل کڻي الله وٽ ايندو (سو بيشڪ قيامت جي ڏينهن فلاح پائيندو.) |
| وَاُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿٩٠﴾ | (٩٠) ۽ جنت پاڪ ۽ پرهيزگار ماڻهن لاءِ ويجهي آندي ويندي. |
| وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِلْغٰوِيْنَ ﴿٩١﴾ | (٩١) ۽ گمراهن جي لاءِ دوزخ ظاهر ڪري (ڪين) ڏيکاريو ويندو. |
| وَقِيْلَ لَهُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ﴿٩٢﴾ | (٩٢) ۽ انهن (گمراهه ماڻهن) کي چيو ويندو ته، ڪٿي آهن اهي (ديوتائون) جن کي اوهان پوڄيندا هئو؟ (يعني هاڻي توهان سمجهي ٿا سگهو ته اهي ڪجهه به نه آهن.) |
| مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ هَلْ يَنْصُرُوْنَكُمْ اَوْ يَنْتَصِرُوْنَ ﴿٩٣﴾ | (٩٣) خدا کي ڇڏي (جن ديوتائن کي اوهان پوڄيندا هئو سي ٻڌايو ته) توهان جي ڪا مدد به ڪري ٿا سگهن يا رڳو سندن به ڪا مدد ڪري ٿا سگهن؟ (بلڪل نه). |

| | |
|---|---|
| فَكُبْكِبُوْا فِيْهَا هُمْ وَالْغَاوٗنَ ﴿٩٤﴾ | (٩٤) پوءِ اهي ۽ سڀ گمراهہ ماڻهو منهن ڀر ان دوزخ ۾ اڇلايا ويندا. |
| وَجُنُوْدُ اِبْلِيْسَ اَجْمَعُوْنَ ﴿٩٥﴾ | (٩٥) ۽ ابليس جا لشڪر سڀ جو سڀ (پڻ ان باهہ ۾ اڇلايا ويندا). |
| قَالُوْا وَهُمْ فِيْهَا يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٩٦﴾ | (٩٦) اهي (گمراهہ ماڻهو) پاڻ ۾ جهڳڙا ۽ بحث ڪندا ۽ چوندا تہ. |
| تَاللّٰهِ اِنْ كُنَّا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٧﴾ | (٩٧) قسم آهي خدا جو تہ اسان چٽي چٽي گمراهي ۾ هئاسين. (انهيءَ وقت). |
| اِذْ نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٨﴾ | (٩٨) جڏهن اسان اوهان (ڪوڙن ديوتائن) کي سڄي جهان جي رب جي برابر سمجهندا هئاسين. |
| وَمَآ اَضَلَّنَآ اِلَّا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٩٩﴾ | (٩٩) ۽ اسان کي گمراهہ ڪيو تہ انهن ئي ڏوهارين ڪيو (جيڪي تڳيءَ سان اسان کي مطيع ڪري پنهنجا فائدا ڪيندا هئا. جو اسان کي چوندا هئا تہ اسان توهان جي شفاعت ڪنداسين.) |
| فَمَا لَنَا مِنْ شَافِعِيْنَ ﴿١٠٠﴾ | (١٠٠) (پر) پوءِ هاڻي تہ اسان لاءِ ڪو بہ سفارش ڪرڻ وارو ڪونهي. |
| وَلَا صَدِيْقٍ حَمِيْمٍ ﴿١٠١﴾ | (١٠١) ۽ نڪو ڪو (اسان لاءِ) سچو دوست ئي آهي. |
| فَلَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٢﴾ | (١٠٢) پوءِ هاڻي جيڪڏهن هيئن ممڪن هجي جو اسان وري دنيا ۾ وڃي سگهون تہ اسان جيڪر يقيناً ايمان آڻيون (اهو پڇتاءُ هاڻي ڪم نہ ايندو.) |
| اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ | (١٠٣) بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي نشاني آهي، پر (تنهن هوندي بہ مڪي جي ماڻهن مان) گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. |
| وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ | (١٠٤) ۽ بيشڪ تنهنجو پروردگار (سيني تي) غالب ۽ رحم وارو آهي. (اي پيغمبر تون فڪر نہ ڪر، اهي منڪر مغلوب ٿيندا ۽ اسان مؤمنن تي رحم ڪري ڪين غالب ڪنداسين.) |

رڪوع 6

**حضرت نوح جي واقعي ۾ بہ عبرت وٺندڙن لاءِ وڏيون نشانيون آهن.**

| | |
|---|---|
| كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوْحِ ِۨالْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٠٥﴾ | (١٠٥) (اهڙيءَ ئي طرح) حضرت نوح جي قوم بہ رسولن کي نہ مڃيو. |
| اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ نُوْحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٠٦﴾ | (١٠٦) (ڏسو تہ ڇا ٿيو) جڏهن سندن ئي برادريءَ جو ماڻهو حضرت نوح (ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليو ويو جنهن ڪين) چيو تہ (ڇو بد ڪمن ۽ گناهن ۾ غلطان ٿي ويا آهيو؟) ڇا توهان الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو ئي نٿا؟ |
| اِنِّىْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٠٧﴾ | (١٠٧) مان توهان جي لاءِ اعتبار جوڳو پيغمبر آهيان. |
| فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٠٨﴾ | (١٠٨) تنهن ڪري خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي پيروي ڪيو (ڇو تہ مان فقط خدا جا حڪم ٿو پهچايان). |

| | |
|---|---|
| وَمَآ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ اَجۡرٍ ۚ اِنۡ اَجۡرِیَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۚ﴿۱۰۹﴾ | (١٠٩) ۽ (ڏسو ته) مان انهيءَ ڪم لاءِ (جو ڪيان ٿو پيو) ڪنهن به قسم جو اجورو يا عيوضو اوهان کان ڪونه ٿو گهران. منهنجو اجورو ته فقط جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي. |
| فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيۡعُوۡنِ ؕ﴿۱۱۰﴾ | (١١٠) تنهن ڪري خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي حڪمن جي تعميل ڪيو (جو ته اهي خدا جا حڪم آهن). |
| قَالُوۡۤا اَنُؤۡمِنُ لَكَ وَاتَّبَعَكَ الۡاَرۡذَلُوۡنَ ؕ﴿۱۱۱﴾ | (١١١) هنن (منڪرن) جواب ڏنو ته، (اي نوح! اسان ڏسون ٿا ته) بلڪل رذيل ۽ خسيس ماڻهو تنهنجي پيروي ڪري رهيا آهن (۽ تو وٽ اچن ٿا) چا اهڙيءَ حالت ۾ اسان (سردار) توتي ايمان آڻيون (۽ انهن خسيس ماڻهن سان گڏجي ويهون؟) |
| قَالَ وَمَا عِلۡمِىۡ بِمَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ۚ﴿۱۱۲﴾ | (١١٢) حضرت نوح جواب ڏنو ته، مون کي ڪهڙي خبر آهي ۽ ڪيئن خبر پوي ته اهي (مسڪين ماڻهو) ڪهڙا ڪهڙا عمل ڪندا آهن؟ |
| اِنۡ حِسَابُهُمۡ اِلَّا عَلٰى رَبِّىۡ لَوۡ تَشۡعُرُوۡنَ ۚ﴿۱۱۳﴾ | (١١٣) خدا شال توهان کي سمجهه ڏئي (۽ توهان سمجهو ته) انهن ماڻهن (جي عملن وغيره) جو حساب وٺڻ ته فقط منهنجي پروردگار جي ذمي آهي (نه ڪ منهنجي ذمي). |
| وَمَاۤ اَنَا بِطَارِدِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۚ﴿۱۱۴﴾ | (١١٤) ۽ مون کي هرگز مناسب ناهي ته مان ايمان آڻيندڙن کي تڙي ڪيان، (هنن جي دلين جي خبر ته فقط الله کي آهي). (700) |
| اِنۡ اَنَا اِلَّا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ؕ﴿۱۱۵﴾ | (١١٥) (وڌيڪ حضرت نوح ڪين فرمايو ته،) مان ته فقط (الله جي نافرماني ڪندڙن کي) چڱيءَ طرح خبردار ڪندڙ آهيان. (۽ ايندڙ عذاب جي خبر چڱيءَ طرح ٻڌايان ٿو.) |
| قَالُوۡا لَئِنۡ لَّمۡ تَنۡتَهِ يٰنُوۡحُ لَتَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡمَرۡجُوۡمِيۡنَ ؕ﴿۱۱۶﴾ | (١١٦) هنن (منڪرن) جواب ڏنو ته، اي نوح! جيڪڏهن تون انهن ڳالهين ڪرڻ کان باز نه ايندين ته اسان تو کي پٿر هڻي ماري ڇڏينداسين. |
| قَالَ رَبِّ اِنَّ قَوۡمِىۡ كَذَّبُوۡنِ ۚۖ﴿۱۱۷﴾ | (١١٧) حضرت نوح (الله تعاليٰ کي ٻاڏائي) چيو ته، اي منهنجا رب! منهنجي قوم جي ماڻهن مون تي ايمان آڻڻ کان صفا انڪار ڪيو آهي. |
| فَافۡتَحۡ بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَهُمۡ فَتۡحًا وَّنَجِّنِىۡ وَمَنۡ مَّعِىَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۱۸﴾ | (١١٨) سو هاڻي منهنجي ۽ هنن جي وچ ۾ قطعي فيصلو ڪري ڇڏ، ۽ مون کي ۽ انهن مؤمنن کي جيڪي مون سان شامل آهن، (هنن حق جي دشمنن کان) بچائي وٺ. |
| فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَمَنۡ مَّعَهٗ فِى الۡفُلۡكِ الۡمَشۡحُوۡنِ ۚ﴿۱۱۹﴾ | (١١٩) سو اسان هن کي ۽ سندس ساٿين کي جيڪي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ (سوار) هئا (دشمنن کان ۽ ٻوڏ جي پاڻيءَ کان) بچائي سلامت رکيو. |
| ثُمَّ اَغۡرَقۡنَا بَعۡدُ الۡبٰقِيۡنَ ؕ﴿۱۲۰﴾ | (١٢٠) پوءِ جيڪي ماڻهو (پٺتي) باقي رهيا تن (منڪرن) کي اسان ٻوڙي غرق ڪري ڇڏيو. |

| | |
|---|---|
| اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةًؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ﴿۱۲۱﴾ | (۱۲۱) (ڏسو) هن واقعي ۾ بہ (عبرت وٺڻ لاءِ) بيشڪ وڏي نشاني آهي. پر (افسوس) هنن ماڻهن مان گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. |
| وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِیْزُ الرَّحِیْمُ ﴿۱۲۲﴾ | (۱۲۲) ۽ (نٿا ڄاڻن تہ) بيشڪ تنهنجو رب سڀني تي غالب آهي (۽ ڪين تباهہ ڪندو) ۽ سڀني تي مهربان آهي. (تنهن ڪري مؤمنن تي نعمتون ڪندو). |

رڪوع 7

**حضرت هود ۽ سندس قوم عاد جو ذڪر**

| | |
|---|---|
| كَذَّبَتْ عَادُ اِ۟لْمُرْسَلِیْنَ ﴿۱۲۳﴾ | (۱۲۳) (ساڳيءَ طرح) عاد قوم جي ماڻهن بہ رسولن کي نہ مڃيو. |
| اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۱۲۴﴾ | (۱۲٤) ڏسو سندن برادريءَ جي ماڻهن، حضرت هود هنن کي چيو تہ، (توهان ڇو برائين ۾ ڪاهي پيا آهيو) ڇا توهان الله تعاليٰ (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄوئي نٿا؟ |
| اِنِّیْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِیْنٌ ﴿۱۲۵﴾ | (۱۲۵) يقيناً مان اوهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهيان (۽ توهان کي خبر آهي تہ مان ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي ۽ نہ ڪڏهن امانت ۾ خيانت ڪئي آهي) مان سچ پچ اعتبار جوڳو آهيان. |
| فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِ ﴿۱۲۶﴾ | (۱۲٦) تنهن ڪري خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو (ڇو تہ مان فقط خدا جا حڪم ٿو پهچايان. انهن تي عمل ڪرڻ ۾ اوهان جي ئي چڱائي آهي.) |
| وَ مَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَیْهِ مِنْ اَجْرٍۚ اِنْ اَجْرِیَ اِلَّا عَلٰی رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۲۷﴾ | (۱۲۷) ۽ (ڏسو) مان هن ڪم لاءِ (يعني خدا جي حڪمن پهچائڻ جي عيوض) اوهان کان ڪوبہ اجورو ڪونہ ٿو گهران. منهنجو اجورو تہ فقط جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي. |
| اَتَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِیْعٍ اٰیَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿۱۲۸﴾ | (۱۲۸) ڇا توهان هرهڪ مٿانهين جاءِ تي (فقط ڏيک ويک لاءِ) اجايا بي فائدا يادگار ٿا بنايو؟ |
| وَ تَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ تَخْلُدُوْنَ ﴿۱۲۹﴾ | (۱۲۹) ۽ توهان وڏا وڏا محلات ٿا ناهيو. (ڄڻ تہ) اميد ٿا رکو تہ توهان انهن ۾ هميشہ رهندؤ. (توهان وساري ٿا ڇڏيو تہ هيءَ زندگي هڪ ڏينهن جي برابر آهي.) |
| وَ اِذَا بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ جَبَّارِیْنَ ﴿۱۳۰﴾ | (۱۳۰) ۽ جڏهن (ڪنهن بہ معاملي ۾ ڪنهن سان بہ) لڙو ٿا تہ، (انصاف کي ڇڏي) ظلم ۽ ڏاڍائي واري واٽ ٿا وٺو. |
| فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِ ﴿۱۳۱﴾ | (۱۳۱) سو خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو. |
| وَ اتَّقُوا الَّذِیْۤ اَمَدَّكُمْ بِمَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳۲﴾ | (۱۳۲) انهيءَ (مهربان) خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو، جنهن (پنهنجي فضل سان) توهان کي (گهڻيون ئي نعمتون) ڏنيون آهن جي توهان پاڻ ڄاڻو ٿا. |

| | |
|---|---|
| اَمَدَّكُمۡ بِاَنۡعَامٍ وَّ بَنِيۡنَ ﴿۱۳۳﴾ۙ | (١٣٣) (توهان کي خبر آهي ته) هن اوهان کي ڍور ڍڳا (۽ ٻي دولت) ۽ اولاد (۽ لشڪر وغيره) عطا ڪيا آهن. |
| وَجَنّٰتٍ وَّ عُيُوۡنٍ ﴿۱۳۴﴾ۚ | (١٣٤) ۽ باغات ۽ چشما (به عطا ڪيا اٿس). |
| اِنِّىۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ عَذَابَ يَوۡمٍ عَظِيۡمٍ ﴿۱۳۵﴾ؕ | (١٣٥) (انهن نعمتن هوندي به جو توهان سندس نافرماني ڪري ظلم ۽ گناه جا ڪم ٿا ڪيو سو) مون کي وڏو انديشو آهي ته هڪ وڏي سخت ڏينهن جو عذاب توهان تي اچي ڪڙڪندو. |
| قَالُوۡا سَوَآءٌ عَلَيۡنَاۤ اَوَعَظۡتَ اَمۡ لَمۡ تَكُنۡ مِّنَ الۡوٰعِظِيۡنَ ﴿۱۳۶﴾ۙ | (١٣٦) انهن (منڪرن) جواب ۾ چيو ته (اي هود! تون اجايو پنهنجو ۽ اسان جو مغز تو کپائين) تون اسان کي واعظ نصيحت ڪرين توڙي نه ڪرين اسان جي لاءِ ساڳي ڳالھ آهي. (اسان تنهنجون ڳالهيون ڪونه مڃينداسين.) |
| اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا خُلُقُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۱۳۷﴾ۙ | (١٣٧) اهي (عذاب کان ڊيڄارڻ جون) ڳالهيون ته اڳوڻن ماڻهن جون آهن. (جن کي اهڙين ڳالهين ڪرڻ جي عادت ٿي ويئي هئي تون جهونن خيالن جو ماڻهو آهين، اسان نئين روشني وارا آهيون.) |
| وَمَا نَحۡنُ بِمُعَذَّبِيۡنَ ﴿۱۳۸﴾ۚ | (١٣٨) ۽ (انهن منڪرن وڏيڪ هيئن به حضرت هود کي چئي ڏنو ته) اسان تي عذاب بلڪل ڪونه ايندو). |
| فَكَذَّبُوۡهُ فَاَهۡلَكۡنٰهُمۡ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۳۹﴾ | (١٣٩) مطلب ته هنن حضرت هود کي نه مڃيو، تنهن ڪري اسان به هنن کي برباد ڪري ڇڏيو. بيشڪ انهيءَ واقعي ۾ (سمجھ وارن لاءِ وڏي) عبرت جي نشاني آهي، پر (افسوس ته) هنن ماڻهن مان گهڻا ايمان نٿا آڻين. |
| وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۴۰﴾ؒ | (١٤٠) ۽ (هو نٿا ڄاڻن ته) يقيناً تنهنجو پروردگار سيني تي غالب ۽ وڏي رحم وارو آهي. |

رڪوع 8

**حضرت صالح ۽ سندس قوم ثمود جو مختصر ذڪر.**

| | |
|---|---|
| كَذَّبَتۡ ثَمُوۡدُ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿۱۴۱﴾ۖ | (١٤١) ثمود قوم جي ماڻهن به رسولن کي ڪونه مڃيو. |
| اِذۡ قَالَ لَهُمۡ اَخُوۡهُمۡ صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوۡنَ ﴿۱۴۲﴾ۚ | (١٤٢) ڏسو سندن برادريءَ جي ماڻهن، حضرت صالح کي چيو ته، ڇا توهان (مسڪينن تي ظلم ڪري رهيا آهيو ۽) خدا کان ڊڄو ئي نٿا؟ |
| اِنِّىۡ لَـكُمۡ رَسُوۡلٌ اَمِيۡنٌ ﴿۱۴۳﴾ۙ | (١٤٣) (مان توهان کي صاف صاف سچي ڳالھ ٿو ٻڌايان ته) مون کي اوهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهي (۽ توهان کي معلوم آهي ته) مان معتبر آهيان (تنهن ڪري هن ڳالھ ۾ به مون تي اعتبار ڪيو). |
| فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيۡعُوۡنِ ﴿۱۴۴﴾ۚ | (١٤٤) سو توهان الله تعاليٰ (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو (چو ته مان رڳو خدا جا حڪم ٿو پهچايان). |

وَمَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِىَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٤٥﴾

(١٤٥) ۽ (توهان ڏسو ٿا تہ) مان انهيءَ ڪم لاءِ (يعني اوهان کي خدا جا حڪم پهچائڻ لاءِ) ڪو اجورو يا عيوضو تہ ڪونہ ٿو گهران. منهنجو اجورو تہ فقط جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي.

اَتُتْرَكُوْنَ فِىْ مَا هٰهُنَآ اٰمِنِيْنَ ﴿١٤٦﴾

(١٤٦) ڇا (توهان هيئن ٿا سمجهو ڇا تہ) جيڪي هتي هن دنيا ۾ (نعمتون) آهن، سي ماڻڻ لاءِ اوهان کي (دائمي طور) امن امان ۾ ڇڏيو ويندو؟

فِىْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٤٧﴾

(١٤٧) توهان (دائمي) باغن ۽ چشمن ۾ امن امان جي حالت ۾ ڇڏيا ويندو؟

وَّزُرُوْعٍ وَّنَخْلٍ طَلْعُهَا هَضِيْمٌ ﴿١٤٨﴾

(١٤٨) ۽ توهان (دائمي پلين) ٻنين ۽ کجور جي وڻن ۾ ڇڏيا ويندؤ؟ ڇا جن کجورن جا ڇڳا (ڪارڪن جي بار ڪان) ٽٽڻ تي آهن.

وَتَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا فٰرِهِيْنَ ﴿١٤٩﴾

(١٤٩) ۽ توهان ٽڪرن کي ٽڪي وڏي هنر ۾ ڪارگريءَ سان جايون ٺاهيو ٿا.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٥٠﴾

(١٥٠) (اوهان اهي نعمتون خدا جي طرف ڪان نٿا سمجهو ۽ سندس نافرماني ٿا ڪيو) سو خدا (وٽان ايندڙ عذاب) ڪان ڊڄو ۽ منهنجي چوڻ تي هليو (ڇو تہ مان فقط اهي حڪم ٿو پهچايان جي خدا تعاليٰ وٽان ٿا اچن).

وَلَا تُطِيْعُوْٓا اَمْرَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٥١﴾

(١٥١) ۽ انهن جا حڪم نہ مڃيو جيڪي ليڪو لنگهي بيٺا آهن، (۽)

الَّذِيْنَ يُفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ وَلَا يُصْلِحُوْنَ ﴿١٥٢﴾

(١٥٢) جيڪي ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو ٿا ڪن ۽ سڌارو ڪونہ ٿا ڪن.

قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ ﴿١٥٣﴾

(١٥٣) (ظالم ۽ خودغرض سردارن تي انهيءَ نصيحت جو اثر ڪونہ پيو) هنن چيو تہ، (اي صالح تون آهين ڇا؟) توتي ڪو جادوءَ جو اثر پئجي ويو آهي (جو بي عقليءَ جون ڳالهيون پيو ڪرين).

مَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۚۖ فَاْتِ بِاٰيَةٍ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٥٤﴾

(١٥٤) تون ڪجھ بہ نہ آهين، سواءِ هن جي تہ اسان جهڙو ماڻهو آهين. جيڪڏهن تون سچ ٿو چوين (تہ مون کي رسول ڪري موڪليو ويو آهي) تہ ڀلا آڻ ڪا نشاني (يعني ڏيکار ڪو معجزو).

قَالَ هٰذِهٖ نَاقَةٌ لَّهَا شِرْبٌ وَّلَكُمْ شِرْبُ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿١٥٥﴾

(١٥٥) (حضرت صالح) فرمايو تہ، هيءَ ڏاچي (نشاني) آهي. هن کي بہ پاڻي پيئڻ جو حق آهي ۽ اوهان کي بہ (پنهنجي مال کي) پاڻي پيارڻ جو حق آهي (پر واري سان) مقرر ڏينهن تي.

وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥٦﴾

(١٥٦) ۽ ان ڏاچيءَ کي ڪو ايذاءُ يا تڪليف نہ پهچائجو. نہ تہ هڪڙي وڏي سخت ڏينهن جو عذاب اچي توهان تي ڪڙڪندو.

فَعَقَرُوْهَا فَاَصْبَحُوْا نٰدِمِيْنَ ﴿١٥٧﴾

(١٥٧) پوءِ بہ هنن ڏاچيءَ جا پير ڪاٽي ڇڏيا، پر پوءِ پشيمان بہ ٿيا (۽ ڊنا تہ متان عذاب سچ پچ اچي وڃي).

فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ۝١٥٨

(١٥٨) سو (سچ پچ) هنن تي عذاب اچي ڪڙڪيو. بيشڪ انهيءَ واقعي ۾ وڏي عبرت جي نشاني آهي، پر (فسوس ته هنن مڪي جي ماڻهن مان) گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين.

وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِیْزُ الرَّحِیْمُ ۝١٥٩

(١٥٩) ۽ (هو نٿا ڄاڻن ته) بيشڪ (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار سيني تي غالب پوڻ وارو ۽ وڏي رحم وارو آهي.

رڪوع 9

**حضرت لوط ۽ سندس قوم جو مختصر ذڪر**

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطِ ﹰالْمُرْسَلِیْنَ ۝١٦٠

(١٦٠)(ساڳيءَ طرح) حضرت لوط جي قوم جي ماڻهن به رسولن کي نه مڃيو.

اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ لُوْطٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ۝١٦١

(١٦١) ڏسو سندن برادريءَ جي ماڻهن کي حضرت لوط (عليه السلام) چيو ته (افسوس جو توهان سخت شرمناڪ ۽ غليظ ڪم ڪري رهيا آهيو) (ڇا توهان خدا (جي عذاب) کان ڊڄوئي نٿا؟

اِنِّیْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِیْنٌ ۝١٦٢

(١٦٢) يقيناً مان اوهان ڏي رسول ڪري موڪليل آهيان. ۽ (توهان کي معلوم آهي ته) مان امين آهيان (مون تي اعتبار ڪيو مان توهان کي توهان جي ئي چڱائي لاءِ ضروري نصيحت ٿو ڏيان).

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوْنِ ۝١٦٣

(١٦٣) ته خدا کان ڊڄو ۽ منهنجي چوڻ تي هلو.

وَ مَاۤ اَسْئَلُكُمْ عَلَیْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِیَ اِلَّا عَلٰی رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ۝١٦٤

(١٦٤) ۽ (ياد رکو ته) مان هن ڪم لاءِ (يعني خدائي حڪمن پهچائڻ جي عيوض) توهان کان ڪو اجورو ڪونه ٿو گهران. منهنجو اجورو ته جهانن جي پروردگار جي ذمي آهي.

اَتَاْتُوْنَ الذُّكْرَانَ مِنَ الْعٰلَمِیْنَ ۝١٦٥

(١٦٥) ڇا سڄي جهان ۾ توهان ئي آهيو جي نرن ڏي (بدفعليءَ لاءِ) وڃو ٿا؟ (يا سڄي جهان ۾ توهان کي رڳو نر ئي بدفعليءَ لاءِ پسند آهن ڇا؟)

وَ تَذَرُوْنَ مَا خَلَقَ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ عٰدُوْنَ ۝١٦٦

(١٦٦) ۽ توهان جي لاءِ توهان جي پروردگار جيڪي زالون پيدا ڪيون آهن تن کي ڇڏي ٿا ڏيو (۽ ڇوڪرن ۽ مردن ڏي ٿا وڃو). حقيقت هيءَ آهي ته توهان اهي ماڻهو آهيو جيڪي ليڪو لنگهي بيٺا آهيو.

قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ یٰلُوْطُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُخْرَجِیْنَ ۝١٦٧

(١٦٧) هنن (فاحش ماڻهن) جواب ڏنو ته. اي لوط! جيڪڏهن تون (هن واعظ ۽ نصيحت کان) باز ني ايندين ته اسان توکي ضرور (هن ملڪ مان ئي) ڪڍي ڇڏينداسين.

قَالَ اِنِّیْ لِعَمَلِكُمْ مِّنَ الْقَالِیْنَ ۝١٦٨

(١٦٨) (تنهن تي) حضرت لوط چيو ته. مون کي اوهان جي (برن) عملن کان سخت نفرت آهي، (سو مان پاڻ اوهان وٽ رهڻ ۾ راضي نه آهيان).

رَبِّ نَجِّنِیْ وَ اَهْلِیْ مِمَّا یَعْمَلُوْنَ ۝١٦٩

(١٦٩) (حضرت لوط پوءِ خدا کي پڪاريو ته) اي منهنجا پروردگار! مون

کي ۽ منهنجي خاندان جي ماڻهن کي هنن (فاحش) ماڻهن جي عملن (جي شامت کان يا سندن ظلم) کان بچائي وٺ.

فَنَجَّيْنٰهُ وَ اَهْلَهٗۤ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۷۰﴾

(۱۷۰) سو اسان هن کي ۽ سندس سيني ميجندڙن کي بچائي ورتو.

اِلَّا عَجُوْزًا فِي الْغٰبِرِيْنَ ﴿۱۷۱﴾

(۱۷۱) سواءِ هڪ ٻڍي عورت جي (جا سندس ئي زال هئي) اها (پاڻ بي ايمان ٿي) پٺتي رهجي پيئي.

ثُمَّ دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿۱۷۲﴾

(۱۷۲) پوءِ ٻين کي اسان ناس ڪري ڇڏيو.

وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿۱۷۳﴾

(۱۷۳) ۽ اسان هنن (فاحش ماڻهن) تي پٿرن جو مينهن وسايو. سو (ڏسو ته) جن ماڻهن کي خبردار به ڪيو ويو (پر ته به نصيحت نه مڃيائون.) تن تي ڪهڙو نه بڇڙو مينهن وسيو.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۷۴﴾

(۱۷٤) بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي عبرت جي نشاني آهي، پر (افسوس جو) هنن مان گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين.

وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۷۵﴾

(۱۷۵) ۽ (نٿا ڄاڻن ته) تنهنجو پروردگار ئي آهي جو سيني تي غالب پوڻ وارو ۽ وڏي رحم وارو آهي.

رڪوع 10

**حضرت شعيب ۽ اهل مدين جي ذڪر.**

كَذَّبَ اَصْحٰبُ لْئَيْكَةِ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۷۶﴾

(۱۷٦) (ساڳيءَ طرح) ائڪ جي ماڻهن به رسولن کي نه مڃيو.

اِذْ قَالَ لَهُمْ شُعَيْبٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۱۷۷﴾

(۱۷۷) ڏسو حضرت شعيب هنن کي چيو ته (توهان واپار ۾ ٻين کي نقصان ٿا رسايو) ڇا توهان کي خدا جو خوف ئي نٿو ٿئي؟

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿۱۷۸﴾

(۱۷۸) يقيناً مان توهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهيان، (توهان کي معلوم آهي ته) مان امين آهيان (۽ اعتبار جي لائق آهيان).

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿۱۷۹﴾

(۱۷۹) سو خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو، ۽ منهنجي حڪمن جي پيروي ڪيو (ڇو ته اهي حڪم الله جا آهن).

وَ مَاۤ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۸۰﴾

(۱۸۰) ۽ (منهنجي سچائيءَ جي لاءِ هيءَ به ثابتي آهي ته) مان انهيءَ (تبليغ جي) ڪم لاءِ اوهان کان ڪو اجورو ڪونه ٿو گهران. منهنجو اجورو ته فقط جهانن جي پالڻهار جي ذمي آهي.

اَوْفُوا الْكَيْلَ وَ لَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُخْسِرِيْنَ ﴿۱۸۱﴾

(۱۸۱) پوري ماپ ڪري ڏيو (نه گهٽ ڏيو) ۽ ماڻهن کي نقصان نه پهچائيندا ڪريو.

وَ زِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ﴿۱۸۲﴾

(۱۸۲) ۽ سڌي ۽ سچي تارازيءَ سان تور ڪيو (ائين نه ڪيو جو ڏيڻ مهل گهٽ توري ڏيو ۽ وٺڻ مهل وڌيڪ توري وٺو.)

وَلَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ وَلَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ۚ‏ ﴿۱۸۳﴾

(١٨٣) ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ ڪري نہ ڏيو (نڪي پاڻ وٽ روڪي رکو) ۽ زمين تي (ٺڳيون ۽) بگاڙ نہ ڪندا وتو.

وَاتَّقُوا الَّذِىۡ خَلَقَكُمۡ وَالۡجِـبِلَّةَ الۡاَوَّلِيۡنَ ؕ‏ ﴿۱۸۴﴾

(١٨٤) ۽ انهيءَ خدا (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو جنهن اوهان کي بہ خلقيو ۽ اوهان کان اڳين پيڙهين کي بہ. (جنهن اوهان کي پيدا ڪيو آهي سو اوهان کي برن عملن جي سزا بہ ڏئي سگهي ٿو.)

قَالُوۡۤا اِنَّمَاۤ اَنۡتَ مِنَ الۡمُسَحَّرِيۡنَ ۙ‏ ﴿۱۸۵﴾

(١٨٥) هنن جواب ۾ چيو تہ، توتي ڪو جادوءَ جو اثر پيل آهي، (۽ پاڳل ٿي پيو آهين.)

وَمَاۤ اَنۡتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُنَا وَاِنۡ نَّظُنُّكَ لَمِنَ الۡكٰذِبِيۡنَ ۚ‏ ﴿۱۸۶﴾

(١٨٦) ۽ تون ڪجھ بہ نہ آهين، سواءِ هن جي تہ اسان جهڙو ماڻهو آهين. بيشڪ اسان تو کي ڪوڙن مان خيال ڪريون ٿا.

فَاَسۡقِطۡ عَلَيۡنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ؕ‏ ﴿۱۸۷﴾

(١٨٧) جيڪڏهن تون (پنهنجي انهيءَ دعويٰ ۾) سچو آهين (تہ مان خدا جو رسول آهيان) تہ آسمان مان اسان تي ڇپ ڪيراءِ؟

قَالَ رَبِّىۡۤ اَعۡلَمُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ‏ ﴿۱۸۸﴾

(١٨٨) حضرت شعيب تنهن تي (نماڻائيءَ سان) جواب ڏنو تہ، منهنجو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙا ڪهڙا (برا) عمل ڪري رهيا آهيو (۽ اهوئي اوهان تي ڇپ ڪيرائي سگهي ٿو يا ٻئي طرح سزا ڏئي ٿو سگهي.)

فَكَذَّبُوۡهُ فَاَخَذَهُمۡ عَذَابُ يَوۡمِ الظُّلَّةِ‌ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَذَابَ يَوۡمٍ عَظِيۡمٍ‏ ﴿۱۸۹﴾

(١٨٩) پر هنن ڪيس نہ مڃيو (۽ گناهہ ڪندا رهيا) سو ڇانو واري ڏينهن جي عذاب اچي ڪين پڪڙيو (شايد ڪنهن ٻرندڙ جبل جي ڦاٽڻ ڪري چوڌاري دونهون ۽ پٿر اڏاٽا ۽ ڪريا جن جي ڪري ڪجھ قدر اوندهہ ٿي ويئي ۽ ماڻهن تي اهڙيون ڇپون ڪريون جو تباهہ ٿي ويا.) بيشڪ اهو هڪڙي وڏي سخت ڏينهن جو سخت عذاب هو.

اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً‌ ؕ وَمَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ‏ ﴿۱۹۰﴾

(١٩٠) بيشڪ هن واقعي ۾ وڏي عبرت جي نشاني آهي، پر (افسوس جو) هنن مان گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ‏ ﴿۱۹۱﴾

(١٩١) ۽ (نٿا ڄاڻن تہ) بيشڪ تنهنجو پروردگار ئي اهو آهي جو سڀني تي غالب آهي ۽ وڏي رحم وارو بہ آهي.

## رڪوع 11

**قرآن مجيد ۾ چٽو ۽ ڪليل بيان آهي، جيڪي ان تي عمل نہ ڪندا سي عذاب ۾ پوندا.**

وَاِنَّهٗ لَتَنۡزِيۡلُ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ‏ ﴿۱۹۲﴾

(١٩٢) ۽ يقيناً هيءَ (قرآن) ساري جهان جي پروردگار جو نازل ڪيل آهي.

نَزَلَ بِهِ الرُّوۡحُ الۡاَمِيۡنُ ۙ‏ ﴿۱۹۳﴾

(١٩٣) ان کي روح الامين (حضرت جبرائيل) ڪٽي آيو آهي، (جو بيشڪ سچو ۽ ايماندار فرشتو آهي.)

| | |
|---|---|
| عَلٰى قَلْبِكَ لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ۝١٩٤ | (١٩٤) (اي پيغمبر! اهو قرآن) تنهنجي قلب تي نازل ڪيو ويو آهي ته جيئن تون (ماڻهن کي خدا جي نافرمانيءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪرين. |
| بِلِسَانٍ عَرَبِيٍّ مُّبِيْنٍ ۝١٩٥ | (١٩٥) (اهو قرآن مجيد) چٽي ۽ چٽائي ڪندڙ عربي زبان ۾ (نازل ڪيو ويو آهي). |
| وَاِنَّهٗ لَفِيْ زُبُرِ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٩٦ | (١٩٦) ۽ يقيناً ان جي ذڪر اڳوڻن خدائي ڪتابن ۾ ڪيل آهي (ته آخري پيغمبر مڪي ۾ پيدا ٿيندو ۽ مٿس آخري ڪتاب قرآن مجيد نازل ٿيندو.) |
| اَوَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ اٰيَةً اَنْ يَّعْلَمَهٗ عُلَمٰٓؤُا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۝١٩٧ | (١٩٧) ڇا هنن (مڪي جي ڪافرن) لاءِ هي نشاني ڪافي ناهي ته ان (جي سچائيءَ) کي بني اسرائيلن جا عالم ڄاڻن ٿا (۽ ايمان آڻين ٿا. سچ پچ ڪن تمام وڏن يهودي ۽ عيسائي بزرگن ايمان آندو.) |
| وَلَوْ نَزَّلْنٰهُ عَلٰى بَعْضِ الْاَعْجَمِيْنَ ۝١٩٨ | (١٩٨) ۽ جيڪڏهن اسان ڪنهن ڌارئين ماڻهوءَ تي قرآن مجيد نازل ڪيون ها (۽ هن جي ٻولي به ڪا ٻي هجي ها)، |
| فَقَرَاَهٗ عَلَيْهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ۝١٩٩ | (١٩٩) ۽ اهو ڌاريو ماڻهو (ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾) کين اهو پڙهي ٻڌائي ها ته پوءِ هي (عرب) نڪي (سمجهن ها نڪي) ان تي ايمان آڻين ها. |
| كَذٰلِكَ سَلَكْنٰهُ فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ۝٢٠٠ | (٢٠٠) اهڙيءَ طرح (يعني چٽي عربيءَ ۾ قرآن مجيد نازل ڪرڻ سان) اسان اها (اسلام جي تعليم عرب جي) گنهگارن جي دلين ۾ به ويهاري ڇڏي آهي. |
| لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ۝٢٠١ | (٢٠١) پوءِ به (ڪي سخت دل) ماڻهو ان تي ايمان ڪونه آڻيندا، جيستائين ڪ سخت عذاب پنهنجي اکين سان ڏسن. |
| فَيَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝٢٠٢ | (٢٠٢) پر عذاب ته مٿن بلڪل اوچتو اچي ڪڙڪندو ۽ هنن کي خبر ئي ڪانه پوندي. |
| فَيَقُوْلُوْا هَلْ نَحْنُ مُنْظَرُوْنَ ۝٢٠٣ | (٢٠٣) انهيءَ وقت هو (پريشان ٿي) چوندا ته، (هاءِ هاءِ!) اسان کي ڪجهه مهلت ملندي يا نه؟ |
| اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ۝٢٠٤ | (٢٠٤) پوءِ ڇا؟ هنن ماڻهن تڪڙ لائي ڏني آهي ته (جيڪڏهن اهي ڳالهيون سچيون آهن ته) اسان تي عذاب جلد اچي. |
| اَفَرَءَيْتَ اِنْ مَّتَّعْنٰهُمْ سِنِيْنَ ۝٢٠٥ | (٢٠٥) ڀلا ڏسو ته سهي ته، جيڪڏهن اسان هنن (منڪرن) کي ڪي سال خوشحاليءَ ۾ رکون. |
| ثُمَّ جَآءَهُمْ مَّا كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ۝٢٠٦ | (٢٠٦) ۽ پوءِ انهن تي اهو عذاب اچي وڃي، جنهن جو ساڻن واعدو ڪيو ويو آهي. |

مَآ اَغۡنٰى عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يُمَتَّعُوۡنَؕ ﴿۲۰۷﴾

(٢٠٧) تہ پوءِ اھا آسودگي دنيوي (۽) نعمتون ھنن کي ڪجھ بہ فائدو ڪونہ ڏينديون.

وَمَآ اَهۡلَكۡنَا مِنۡ قَرۡيَةٍ اِلَّا لَهَا مُنۡذِرُوۡنَ ۛۖ ﴿۲۰۸﴾

(٢٠٨) (اسان جو اھو قانون آھي تہ) ڪڏھن بہ ڪنھن بستيءَ کي برباد نہ ڪيوسين جيستائين پھريائين ھنن ڏي ھنن کي خبردار ڪرڻ لاءِ پيغمبر موڪلياسين (۽ ھو تنھن ھوندي بہ برائين ۾ مشغول رھيا، پوءِ اسان بہ ھنن کي تباھ ڪري ڇڏيو).

ذِكۡرٰى ۛ وَمَا كُنَّا ظٰلِمِيۡنَ ﴿۲۰۹﴾

(٢٠٩) يادگيري ۽ نصيحت ڏيڻ لاءِ (اسان ھنن ڏي پھريائين پيغمبر موڪليا تہ بہ ھو باز نہ آيا ۽ اسان ڪين تباھ ڪري ڇڏيو) اسان ڪڏھن بہ بي انصافي ڪونہ ٿا ڪيون.

وَمَا تَنَزَّلَتۡ بِهِ الشَّيٰطِيۡنُ ﴿۲۱۰﴾

(٢١٠) ھي (وحي يا قرآن مجيد) شيطانن ڪونہ آندو آھي، (جيئن ڪافر بڪ بڪ ڪري رھيا آھن.)

وَمَا يَنۡۢبَغِىۡ لَهُمۡ وَمَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَؕ ﴿۲۱۱﴾

(٢١١) ائين ڪرڻ ھنن لاءِ (يعني شيطانن لاءِ) نڪي ٺھي ٿو نڪي ھو (اھڙو قرآن ٺاھي سگھڻ جي) طاقت رکن ٿا.

اِنَّهُمۡ عَنِ السَّمۡعِ لَمَعۡزُوۡلُوۡنَؕ ﴿۲۱۲﴾

(٢١٢) بلڪ حقيقت ھيءَ آھي تہ، شيطان ٻڌڻ جي جاءِ کان ئي پري ڪيا ويا آھن (ھن لاءِ تہ ائين نہ ٿئي جو ھو ٻڌي ان ۾ ڦيرڦار ڪري پوءِ ماڻھن کي ٻڌائين).

فَلَا تَدۡعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَكُوۡنَ مِنَ الۡمُعَذَّبِيۡنَۚ ﴿۲۱۳﴾

(٢١٣) سو (اي پيغمبر!) الله سان گڏ ڪنھن بہ ٻئي معبود يا ديوتا کي نہ پڪارجانءِ. نہ تہ تون بہ انھن ۾ ھوندين جن کي عذاب ڪيو ويندو.

وَاَنۡذِرۡ عَشِيۡرَتَكَ الۡاَقۡرَبِيۡنَۙ ﴿۲۱۴﴾

(٢١٤) ۽ پنھنجي ويجھن مائٽن کي (خدا جي نافرماني جي نتيجن کان) خبردار ڪري ڇڏ.

وَاخۡفِضۡ جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَۚ ﴿۲۱۵﴾

(٢١٥) ۽ جن مؤمنن تنھنجي پيروي اختيار ڪئي آھي تن تي ڏاڍو مھربان رھ (ايترو پيار ڪر جيترو اڏامندڙ پکي ڪندو آھي، جو ڪين ڪنين کي پڪوڙي لھي اچي ٻچن کي ڪنيڙائين ھيٺان لڪائيندو آھي.)

فَاِنۡ عَصَوۡكَ فَقُلۡ اِنِّىۡ بَرِىۡٓءٌ مِّمَّا تَعۡمَلُوۡنَۚ ﴿۲۱۶﴾

(٢١٦) پوءِ جيڪڏھن ھو (منڪر) تنھنجي نافرماني ڪن تہ ڪين چئي ڏي تہ، جيڪي عمل توھان ڪيو ٿا تن لاءِ مان ذميوار ڪونہ آھيان.

وَتَوَكَّلۡ عَلَى الۡعَزِيۡزِ الرَّحِيۡمِۙ ﴿۲۱۷﴾

(٢١٧) (اي پيغمبر تون سندن پرواھ نہ ڪر، پنھنجي ڪم کي جرئت سان ڪندو رھ) ۽ انھيءَ الله تي ڀروسو رک جو سيني تي غالب آھي ۽ وڏي رحم وارو آھي.

الَّذِىۡ يَرٰٮكَ حِيۡنَ تَقُوۡمُۙ ﴿۲۱۸﴾

(٢١٨) (انھيءَ الله تي ڀروسو رک) جو تو کي (نماز ۾) بيھندي ڏسي ٿو.

وَ تَقَلُّبَكَ فِي السّٰجِدِيْنَ ۝٢١٩

(٢١٩) ۽ جو توکي نماز پڙهندڙن ۾ اٿندي، ويهندي (سجدو کندي) ڏسي ٿو.

اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝٢٢٠

(٢٢٠) يقيناً الله ئي آهي جو سڀ ڪجهه ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو.

هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ ۝٢٢١

(٢٢١) ڇا مان اوهان کي ٻڌايان ته شيطان ڪنهن تي نازل ٿين ٿا (۽ ڪين گمراهه ڪن ٿا)؟

تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ۝٢٢٢

(٢٢٢) شيطان هرهڪ ڪوڙي ۽ گناه ڪندڙ ماڻهو ڏي اچن ٿا (۽ ڪين بدعمل ڪرائين ٿا).

يُّلْقُوْنَ السَّمْعَ وَ اَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ ۝٢٢٣

(٢٢٣) (اهڙن ماڻهن ڏي اچن ٿا جيڪي) ڪوڙين ۽ گمراهه ڪندڙ ڳالهين ٻڌڻ لاءِ ڪن لڳائين ٿا ۽ جيڪي اڪثر ڪري ڪوڙا آهن.

وَ الشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ۝٢٢٤

(٢٢٤) ۽ شاعرن جي پيروي به اهي ڪن ٿا جيڪي گمراهه آهن.

اَلَمْ تَرَ اَنَّهُمْ فِيْ كُلِّ وَادٍ يَّهِيْمُوْنَ ۝٢٢٥

(٢٢٥) تو ڏٺو ڇا ته اهي (شاعر) هرهڪ ماٿريءَ ۾ حيران ۽ پريشان رلندا وتندا آهن. (يعني هرهڪ مضمون تي شعرگوئي ڪندا آهن، اگرچه ان بابت ڪين پورو علم به نه هجي.

وَ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ ۝٢٢٦

(٢٢٦) ۽ هو اهڙيون ڳالهيون چوندا آهن جن تي پاڻ ئي عمل نه ڪندا آهن.

اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ ذَكَرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّ انْتَصَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا ؕ وَ سَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْۤا اَيَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ ۝٢٢٧

(٢٢٧) پر (ڪي شاعر اهڙا به آهن) جيڪي ايمان آڻين ٿا ۽ چڱا عمل ڪن ٿا ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪن ٿا، ۽ جن تي جڏهن ظلم ڪيو ويو تڏهن ان ظلم بعد هنن بچاءَ جي ڪم ۾ (يعني جهاد ڪرڻ ۾) حصو ورتو ۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو آهي تن کي جلدئي معلوم ٿي ويندو ته هو ڪهڙيءَ جاءِ تي موٽي وڃڻا آهن. (يعني هن دنيا ۾ به ذليل حالت ۾ ايندا ۽ آخرت ۾ به دوزخ ۾ پوندا.)

## سورت النمل- نمل معنيٰ ڪِول- مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

**قرآن مجيد جي حقيقت، مؤمنن جي صفت ۽ حضرت موسيٰ کي نبوت جي ملڻ**

طٰسٓ ۚ تِلْكَ اٰيٰتُ الْقُرْاٰنِ وَ كِتَابٍ مُّبِيْنٍ ۝١

(١) طا- سين- هي قرآن مجيد جون آيتون آهن جو هڪڙو چٽو ڪتاب آهي، (۽ حقيقتن کي چٽو ڪري ڏيکاريندڙ آهي.

هُدًى وَّ بُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٢

(٢) (هي قرآن مجيد) ايمان وارن لاءِ سڌي واٽ ڏيکاريندڙ آهي ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهي. (ته جيڪڏهن توهان انهيءَ واٽ تي هلندؤ ته دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب رهندؤ).

| | |
|---|---|
| الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ هُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ③ | (٣) ايمان وارا اهي آهن) جيڪي نماز قائم ڪن ٿا، زڪوات ڏيندا رهن ٿا ۽ آخرت ۾ يقين رکن ٿا (ته اسان جي عملن جا نتيجا ضرور نڪرڻا آهن ۽ چڱن عملن ڪندڙن کي انعام ۽ برن عملن ڪندڙن کي عذاب ضرور ملڻو آهي.) |
| اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ زَيَّنَّا لَهُمْ اَعْمَالَهُمْ فَهُمْ يَعْمَهُوْنَ ④ | (٤) جيڪي ماڻهو آخرت ۾ ايمان نٿا رکن تن جا (برا) عمل اسان ڪين سهڻا ۽ چڱا ڪري ٿا ڏيکاريون. تنهن ڪري هو گمراهيءَ ۾ ڀٽڪندا ٿا رهن. |
| اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَهُمْ سُوْٓءُ الْعَذَابِ وَ هُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ ⑤ | (٥) اهي ئي ماڻهو آهن جن لاءِ خراب ۾ خراب عذاب (هن ئي دنيا ۾) تيار رکيو آهي ۽ آخرت ۾ ته اهي ئي ماڻهو سڀني کان وڌيڪ نقصان هيٺ ايندا. |
| وَ اِنَّكَ لَتُلَقَّى الْقُرْاٰنَ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ عَلِيْمٍ ⑥ | (٦) انهيءَ ئي صورت جي ڪري (پيغمبر!) توکي هي قرآن انهيءَ الله وٽان مليو آهي جو وڏي حڪمت رکندڙ ۽ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ آهي. (فقط الله کي ئي پوري پوري خبر آهي ته ڪهڙا عمل آخر نقصانڪار ثابت ٿيندا ۽ ڪهڙا آخر مفيد ثابت ٿيندا). |
| اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِاَهْلِهٖٓ اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا ؕ سَاٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ اٰتِيْكُمْ بِشِهَابٍ قَبَسٍ لَّعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ⑦ | (٧) اهو واقعو ياد رکو جو حضرت موسيٰ پنهنجي گهر جي ڀاتين کي چيو ته مون کي هڪڙي باهه ٿي ڏسڻ ۾ اچي (ضرور اتي ڪي ماڻهو هوندا) سو مان جلد ئي اتان (رستي جي) خبر وٺي توهان ڏي هليو ايندس (توهان اتي ئي ويٺا رهجو) يا توهان ڏي ٽانڊو ڪٽي ايندس، انهيءَ لاءِ (ته باهه ٻاري) تئو وٺو ۽ سيءُ لاهيو. |
| فَلَمَّا جَآءَهَا نُوْدِيَ اَنْۢ بُوْرِكَ مَنْ فِي النَّارِ وَ مَنْ حَوْلَهَا ؕ وَ سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ⑧ | (٨) سو جڏهن حضرت موسيٰ انهيءَ (روشنيءَ) وٽ پهتو تڏهن (غيبي) آواز آيو ته جيڪو روشنيءَ جي اندر آهي سو وڏي برڪت وارو (الله) آهي ۽ جيڪو ان جي ويجهڙائي ۾ آهي (يعني حضرت موسيٰ) سو به برڪت وارو آهي. ۽ پاڪ آهي ۽ وڏي شان وارو آهي اهو الله جو سڀني جهان جو پروردگار آهي. |
| يٰمُوْسٰٓى اِنَّهٗٓ اَنَا اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۙ⑨ | (٩) (الله تعاليٰ اتي فرمايو ته) اي موسيٰ يقيناً مان الله آهيان، سڀ ڪا طاقت ۽ قدرت رکندڙ آهيان ۽ وڏي حڪمت وارو آهيان. |
| وَ اَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّ لَمْ يُعَقِّبْ ؕ يٰمُوْسٰى لَا تَخَفْ ۫ اِنِّيْ لَا يَخَافُ لَدَيَّ الْمُرْسَلُوْنَ ۖ⑩ | (١٠) (اي موسيٰ) پنهنجي لٺ ته اڇلاءِ (حضرت موسيٰ پنهنجي لٺ اڇلائي ۽ پوءِ) جڏهن ان کي اهڙيءَ طرح چرندو ڏٺائين جو ڄڻ ته نانگ آهي تڏهن پٺي ڦيرائي ڀڄڻ لڳو، ۽ پٺئين پاسي نهارايائين به ڪين. (تنهن تي الله تعاليٰ آواز ڏنس ته) اي موسيٰ! ڊڄ نه، مون وٽ منهنجي موجودگيءَ ۾ پيغمبر ڪونه ڊڄندا آهن. |
| اِلَّا مَنْ ظَلَمَ ثُمَّ بَدَّلَ حُسْنًۢا بَعْدَ سُوْٓءٍ | (١١) پر (ڳالهه هيئن آهي ته) جنهن ڪو ظلم ڪيو ۽ پوءِ برائي کي |

| | |
|---|---|
| فَاِنِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١﴾ | نيڪيءَ سان بدلائي ڇڏيو ته پوءِ (اهڙن لاءِ) يقيناً مان بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهيان. |
| وَ اَدْخِلْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ ۫ فِيْ تِسْعِ اٰيٰتٍ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ قَوْمِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿١٢﴾ | (١٢) ۽ (اي موسيٰ) پنهنجو هٿ پنهنجي گريبان ۾ وجھ ته پوءِ اهو هٿ بنا ڪنهن داغ يا نقص جي (چنڊ وانگر) چمڪندي ٻاهر ايندو. اهي (ٻه نشانيون يا معجزا) انهن نون نشانين مان آهن جي فرعون ۽ سندس ماڻهن ڏي ڪٽي وڃ، بيشڪ هو وڏا سرڪش ۽ بي فرمان ماڻهو آهن. |
| فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ اٰيٰتُنَا مُبْصِرَةً قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ۚ﴿١٣﴾ | (١٣) جڏهن هنن (نافرمان ماڻهن) وٽ اسان جون چٽيون چٽيون نشانيون آيون تڏهن (بي وقوفن) چيو ته، هي ته ظاهر ظهور جادو آهي. |
| وَ جَحَدُوْا بِهَا وَ اسْتَيْقَنَتْهَآ اَنْفُسُهُمْ ظُلْمًا وَّ عُلُوًّا ؕ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٤﴾ ع | (١٤) ۽ هنن ظلم ۽ سرڪشيءَ سبب انهن نشانين ۽ حڪمن کي نه مڃيو اگرچه سندن دليون انهن (حق جي نشانين) تي اعتبار ڪري چڪيون هيون. سو ڏسو ته هنن بگاڙو ڪندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي نه (خراب) ٿي. |

## رڪوع 2

**حضرت سليمان جو شان شوڪت. خدا سان نسبت هوندي ته دنيا جا ڪمال به ملندا.**

| | |
|---|---|
| وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ وَ سُلَيْمٰنَ عِلْمًا ۚ وَ قَالَا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ فَضَّلَنَا عَلٰى كَثِيْرٍ مِّنْ عِبَادِهِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٥﴾ | (١٥) ۽ (گذريل زماني ۾) اسان دائود ۽ سليمان کي (شين جو توڙي روحاني) علم ڏنو هو. (جنهن تي) هنن ٻنهي چيو هو ته، خاص ساراهه انهيءَ الله جي لاءِ آهي جنهن اسان کي پنهنجي مؤمن ٻانهن مان گهڻن کان وڌيڪ علم وارو ۽ وڌيڪ نيڪ ۽ صالح ڪيو اٿس ۽ وڌيڪ نعمتون ڏنيون اٿس) |
| وَ وَرِثَ سُلَيْمٰنُ دَاوٗدَ وَ قَالَ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمْنَا مَنْطِقَ الطَّيْرِ وَ اُوْتِيْنَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ ؕ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَضْلُ الْمُبِيْنُ ﴿١٦﴾ | (١٦) ۽ حضرت سليمان حضرت دائود جو وارث ٿيو ۽ چيائين ته، اي انسانؤ! اسان کي پکين جي ٻولي سيکاري وئي آهي ۽ اسان کي هر چيز مان ڪجھ نه ڪجھ ڏنو ويو آهي. بيشڪ اهو ظاهر ظهور (خدا جو) فضل آهي. |
| وَ حُشِرَ لِسُلَيْمٰنَ جُنُوْدُهٗ مِنَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ وَ الطَّيْرِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿١٧﴾ | (١٧) ۽ حضرت سليمان جي لاءِ جنن، انسانن ۽ پکين جا لشڪر گڏ ڪيا ويا ۽ انهن کي صفن ۾ نظام هيٺ رکيو ويو (بلڪ سڄي رعيت ۽ سڀ جانور وغيره چڱي نظام هيٺ آندا ويا.) |
| حَتّٰۤى اِذَاۤ اَتَوْا عَلٰى وَادِ النَّمْلِ ۙ قَالَتْ نَمْلَةٌ يّٰۤاَيُّهَا النَّمْلُ ادْخُلُوْا مَسٰكِنَكُمْ ۚ لَا يَحْطِمَنَّكُمْ سُلَيْمٰنُ وَ جُنُوْدُهٗ ۙ وَ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٨﴾ | (١٨) (حضرت سليمان پنهنجي لشڪر سان ڪنهن طرف ڪوچ ڪيو) تان جو ڪولين جي ماٿريءَ منجهان اچي لنگهيا. هڪڙي ڪول (واڪو ڪري) چيو ته، اي ڪوليون! پنهنجي گهرن يا ٻرن ۾ گهڙي وڃو، متان حضرت سليمان ۽ سندس لشڪر بي خبريءَ ۾ اوهان کي لتاڙي چيپاٽي ماري ڇڏين. |
| فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا مِّنْ قَوْلِهَا وَ قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْۤ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْۤ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ | (١٩) انهيءَ ڳالھ تي حضرت سليمان مرڪي کلي ويٺو ۽ چوڻ لڳي ته، اي منهنجا پروردگار! مون کي توفيق ڏي ته مان تنهنجي انهيءَ احسان جي |

وَعَلٰى وَالِدَيَّ وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَاَدْخِلْنِيْ بِرَحْمَتِكَ فِيْ عِبَادِكَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٩﴾

شڪر گذاري (عملاً) ڏيکاريان جو مون تي ڪيو اٿئي ۽ منهنجي پيءُ تي ڪيو اٿئي. ۽ هيءُ به توفيق ڏي ته اهڙا صالح عمل ڪيان جي تو کي پسند پون ۽ مون کي پنهنجي رحمت سان پنهنجي نيڪ ٻانهن ۾ شامل ڪر.

وَتَفَقَّدَ الطَّيْرَ فَقَالَ مَا لِيَ لَآ اَرَى الْهُدْهُدَ ۖ اَمْ كَانَ مِنَ الْغَآئِبِيْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ (حضرت سليمان) پکين جي حاضري ورتي ۽ (سيني گڏ ٿيل پکين کي نظر مان ڪڍي) چيائين ته، هي ڇا! ڪهڙي ڳالهه آهي جو مان هد هد (پکيءَ) کي ڪونه ٿو ڏسان؟ يا (هيئن آهي ڇا) ته هو غيرحاضر آهي؟

لَاُعَذِّبَنَّهٗ عَذَابًا شَدِيْدًا اَوْ لَاَاذْبَحَنَّهٗٓ اَوْ لَيَاْتِيَنِّيْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢١﴾

(٢١) (جيڪڏهن بنا سبب غيرحاضر رهيو آهي ته) ڪيس سخت سزا ڏيندس يا ڪيس ڪهائي ڇڏيندس يا ته مون وٽ ڪو چٽو ۽ وسهائيندڙ دليل پيش ڪري.

فَمَكَثَ غَيْرَ بَعِيْدٍ فَقَالَ اَحَطْتُّ بِمَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ وَجِئْتُكَ مِنْ سَبَاٍۭ بِنَبَاٍ يَّقِيْنٍ ﴿٢٢﴾

(٢٢) پر هدهد ڪو گهڻو وقت پري ڪون رهيو. (هو انهيءَ ئي وقت پهچي ويو ۽) چيائين ته (اي حضرت سليمان) مان اهو (ملڪ) ڏسي ۽ گهمي آيو آهيان جو تو نه ڏٺو ۽ نه گهميو آهي، ۽ مان سبا (شهر) مان سچو حال احوال لهي تو وٽ آيو آهيان.

اِنِّيْ وَجَدْتُّ امْرَاَةً تَمْلِكُهُمْ وَاُوْتِيَتْ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ وَّلَهَا عَرْشٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾

(٢٣) مان ڏٺو ته اتي هڪ عورت ماڻهن تي حڪومت هلائي رهي آهي ۽ هن کي هر چيز موجود ڪري ڏنل آهي ۽ ڪيس هڪڙو وڏو شاندار تخت آهي.

وَجَدْتُّهَا وَقَوْمَهَا يَسْجُدُوْنَ لِلشَّمْسِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ فَهُمْ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) مون هي به ڏٺو ته پاڻ ۽ سندس ماڻهو خدا کي ڇڏي سج کي سجدو ڪري رهيا آهن ۽ شيطان سندن نظر ۾ (اهڙن) عملن کي سهڻو ۽ چڱو ڪري ڏيکاريو آهي. سو هن انهن ماڻهن کي (سڌيءَ) راهه کان روڪي رکيو آهي. تنهن ڪري هنن کي سچي هدايت نه ملي آهي.

اَلَّا يَسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُخْفُوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ايتري حد تائين (شيطان هنن کي ڀلايو آهي) جو هو انهيءَ الله کي سجدو نٿا ڪن جو آسمان ۽ زمين جي لڪل شين کي ظاهر ڪري ٿو ۽ جيڪي به توهان لڪايو ٿا ۽ جيڪي به توهان ظاهر ڪيو ٿا سو سڀ ڄاڻي ٿو.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ۩ ﴿٢٦﴾

(٢٦) پر فقط الله ئي اها ذات آهي جنهن کان سواءِ ڪو به معبود ڪونهي ۽ اهوئي وڏي تخت جو رب آهي. (يعني حقيقي بادشاهه هڪ الله آهي).

قَالَ سَنَنْظُرُ اَصَدَقْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) حضرت سليمان (راڻي بلقيس بابت احوال ٻڌي هدهد کي) چيو ته، چڱو اسان ڏسنداسين ته تو سچ چيو آهي يا ڪوڙ ڳالهايو اٿئي.

اِذْهَبْ بِّكِتٰبِيْ هٰذَا فَاَلْقِهْ اِلَيْهِمْ ثُمَّ تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ مَاذَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) منهنجي هي خط کڻي وڃ ۽ انهن (سبا شهر جي ماڻهن) جي اڳيان وڃي اڇلاءِ، پوءِ انهن کان هٽي بيهه ۽ ترسي ڏس ته ڪهڙو ٿا جواب ڏين.

قَالَتْ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَؤُا اِنِّيْٓ اُلْقِيَ اِلَيَّ كِتٰبٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٩﴾

(٢٩) (هد هد ويو ۽ خط پهچايائين تنهن تي) راڻي بلقيس چيو ته، اي اميرؤ! مون کي هڪڙو وڏي شان وارو خط مليو آهي.

إِنَّهُ مِن سُلَيْمَانَ وَإِنَّهُ بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ ﴿٣٠﴾

(٣٠) اهو خط حضرت سليمان وٽان آيو آهي. ۽ هن طرح لکيل آهي ”الله جي نالي سان شروع ٿا ڪيون جو ڏاڍو مهربان ۽ وڏي رحم وارو آهي.

أَلَّا تَعْلُوا عَلَيَّ وَأْتُونِي مُسْلِمِينَ ﴿٣١﴾

(٣١) توهان (سبا جي راڻي ۽ ٻيا ماڻهو) منهنجي مقابلي ۾ هٺ وڏائي ۽ سرڪشي نہ ڪجو. بلڪ فرمانبردار ٿي مون ڏي هليا اچو.“

## رڪوع 3

**يمن جي راڻي بلقيس جو دنيا جي ڏوڪي واري چڪتاڻ مان نڪري مسلمان ٿيڻ**

قَالَتْ يَا أَيُّهَا الْمَلَأُ أَفْتُونِي فِي أَمْرِي مَا كُنتُ قَاطِعَةً أَمْرًا حَتَّىٰ تَشْهَدُونِ ﴿٣٢﴾

(٣٢) (جڏهن راڻي بلقيس کي حضرت سليمان جو خط پهتو تڏهن) چيائين تہ اي (منهنجا) اميرؤ! مون کي پنهنجي راءِ ٻڌايو (تہ ڇا ڪجي؟) جيستائين توهان راءِ نہ ڏيندا آهيو تيستائين مان ڪنهن بہ (وڏي ۽ قومي) ڪم جو قطعي فيصلو ڪونہ ڪندي آهيان.

قَالُوا نَحْنُ أُولُو قُوَّةٍ وَأُولُو بَأْسٍ شَدِيدٍ وَالْأَمْرُ إِلَيْكِ فَانظُرِي مَاذَا تَأْمُرِينَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) سردارن ورندي ڏني تہ اسان وڏي طاقت وارا ۽ سخت لڙاڪو آهيون (تنهن ڪري سليمان سان لڙڻ لاءِ بہ تيار آهيون پر اسان کي تنهنجي راءِ تي ڀروسو آهي.) معاملو تنهنجي هٿ ۾ آهي (اسان چاهيون ٿا تہ تون پاڻ فيصلو ڪرين) خيال ڪري ڏس تہ ڪهڙو حڪم ٿي ڏئين.

قَالَتْ إِنَّ الْمُلُوكَ إِذَا دَخَلُوا قَرْيَةً أَفْسَدُوهَا وَجَعَلُوا أَعِزَّةَ أَهْلِهَا أَذِلَّةً وَكَذَٰلِكَ يَفْعَلُونَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) راڻيءَ (تنهن تي) چيو تہ (توهان کي خبر هوندي تہ) بادشاهہ جڏهن ڪنهن (پرائي) ملڪ ۾ گهڙن ٿا تڏهن ان کي تباهہ ڪري ٿا ڇڏين ۽ ان ملڪ جي عزت وارن ماڻهن جي بي عزتي ٿا ڪن. (جڏهن اهي بادشاهہ فتنو ڪندا اڳتي ويندا آهن تڏهن) ائين ئي ڪندا آهن.

وَإِنِّي مُرْسِلَةٌ إِلَيْهِم بِهَدِيَّةٍ فَنَاظِرَةٌ بِمَ يَرْجِعُ الْمُرْسَلُونَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) سو مان هيئن ٿي ڪيان جو (ڀهريائين) هنن ڏانهن (يعني حضرت سليمان ۽ سندس اميرن ڏانهن) ڪو تحفو يا سوغات ٿي موڪليان. پوءِ ڏسنديس تہ ايلچي ڪهڙو جواب وٺي ٿا موٽن.

فَلَمَّا جَاءَ سُلَيْمَانَ قَالَ أَتُمِدُّونَنِ بِمَالٍ فَمَا آتَانِيَ اللَّهُ خَيْرٌ مِّمَّا آتَاكُم بَلْ أَنتُم بِهَدِيَّتِكُمْ تَفْرَحُونَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) پوءِ جڏهن (راڻيءَ جا ايلچي) حضرت سليمان وٽ آيا (۽ سوغات پيش ڪيائون) تڏهن حضرت سليمان فرمايو تہ ڇا توهان مون کي دنيائي دولت ڏيڻ ٿا چاهيو؟ (ٻڌو) الله تعاليٰ جيڪي (يعني جيڪا روحاني دولت) مون کي عطا ڪئي آهي سا ان کان گهڻو بهتر آهي، جا اوهان کي ڏني اٿس. (مان دنيائي دولت ۽ اوهان جي سوغات تي راضي ڪونہ ٿو ٿيان) بلڪ اوهان ئي آهيو جو پنهنجي (دولت ۽) سوغات تي خوش ٿا ٿيو.

ارْجِعْ إِلَيْهِمْ فَلَنَأْتِيَنَّهُم بِجُنُودٍ لَّا قِبَلَ لَهُم بِهَا وَلَنُخْرِجَنَّهُم مِّنْهَا أَذِلَّةً وَهُمْ صَاغِرُونَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) (حضرت سليمان وڏي ايلچيءَ کي پوءِ هي بہ چيو تہ) موٽي وڃ هنن ڏانهن (يعني پنهنجي راڻي ۽ اميرن ڏانهن) اسان پنهنجي اهڙن لشڪرن سان مٿن حملو ڪنداسين جن جو مقابلو هو ڪري نہ سگهندا. ۽ اسان کين خوار خراب ڪري ان (ملڪ) مان ڪڍي ڇڏينداسين، ۽ هو ڪنڌ هيٺ ڪرڻ جهڙا ٿيندا.

قَالَ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِىْ بِعَرْشِهَا
قَبْلَ اَنْ يَّاْتُوْنِىْ مُسْلِمِيْنَ ﴿٣٨﴾

(٣٨) (ايلچي هليا ويا، حضرت سليمان پوءِ) فرمايو تہ اي منهنجا سردارؤ! اوهان مان ڪير راڻيءَ جو تخت ڪٽي مون وٽ پهچي ويندو، انهيءَ ڪان بہ اڳي جو هو ماڻهو فرمانبردار ٿي مون وٽ پهچي وڃن.

قَالَ عِفْرِيْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ
اَنْ تَقُوْمَ مِنْ مَّقَامِكَ ۚ وَاِنِّىْ عَلَيْهِ لَقَوِىٌّ
اَمِيْنٌ ﴿٣٩﴾

(٣٩) (تنهن تي) جنن مان هڪڙي وڏي طاقت واري جن چيو تہ توهان پنهنجي دربار مان اٿندءِ تنهن ڪان بہ اڳي اهو تخت اوهان جي خدمت ۾ اچي پيش ڪندس. يقيناق مون کي ان ڪم لاءِ وڏي ڪافي طاقت آهي ۽ مان ڀروسي جي لائق آهيان.

قَالَ الَّذِىْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا
اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ۗ
فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنْ فَضْلِ
رَبِّىْ ۗ لِيَبْلُوَنِىْٓ ءَاَشْكُرُ اَمْ اَكْفُرُ ۗ وَمَنْ
شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ
فَاِنَّ رَبِّىْ غَنِىٌّ كَرِيْمٌ ﴿٤٠﴾

(٤٠) (پر) هڪڙي شخص جنهن کي (خدائي) ڪتاب جو ڪجهه علم هو چيو تہ مان ان تخت کي اک ڇنڀڻ ڪان بہ اڳي آڻي سگهندس. (ان شخص کي حڪم مليو هو جهٽ پٽ تخت ڪٽي آيو) پوءِ جڏهن حضرت سليمان اهو تخت پنهنجي اڳيان ڏٺو تڏهن چيائين تہ هي منهنجو رب جي فضل جو نتيجو آهي. (جو مون وٽ اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي اهڙا ڪم ڪري سگهن ٿا. ايترو فضل هن لاءِ آهي تہ) منهنجي رب مون کي آزمائي تہ مان شڪر ٿو ڪيان (۽ سندس نعمتون سندس راهہ ۾ ڪم ٿو آڻيان) يا ناشڪري ٿو ڪيان ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪو بہ شڪر ٿو ڪري سو پنهنجي (فائدي) لاءِ ٿو ڪري، ۽ جيڪڏهن ڪو بہ ناشڪري ٿو ڪري (تہ پنهنجو ئي نقصان ٿو ڪري نہ ڪہ الله تعاليٰ جو) الله تعاليٰ تہ يقيناً بي نياز بي پرواهہ آهي. (ڪابہ حاجت ڪانهيس) ۽ بيشڪ هو وڏي شان وارو ۽ وڏي سخا وارو آهي.

قَالَ نَكِّرُوْا لَهَا عَرْشَهَا نَنْظُرْ اَتَهْتَدِىْٓ اَمْ
تَكُوْنُ مِنَ الَّذِيْنَ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٤١﴾

(٤١) حضرت سليمان (پوءِ) فرمايو تہ راڻيءَ جي تخت جي شڪل هن لاءِ (ايتري قدر) مٽائي ڇڏيو (جو جڏهن ڏسي تہ مشڪل سڃاڻي سگهي.) پوءِ ڏسنداسين تہ هوءَ حق کي سڃاڻي سگهي ٿي يا انهن منجهان آهي جيڪي هدايت وٺڻ جيتري سمجهہ نٿا رکن.

فَلَمَّا جَآءَتْ قِيْلَ اَهٰكَذَا عَرْشُكِ ۗ قَالَتْ
كَاَنَّهٗ هُوَ ۚ وَاُوْتِيْنَا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهَا وَكُنَّا
مُسْلِمِيْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) (راڻيءَ کي سندس ايلچين حضرت سليمان جو پيغام پهچايو، ۽ هوءَ حضرت سليمان ڏي وڃڻ لاءِ رواني ٿي) پوءِ جڏهن (حضرت سليمان وٽ) پهتي تڏهن ڪانئس پڇيو ويو تہ هيءِ تخت تنهنجو آهي ڇا؟ راڻيءَ جواب ڏنو تہ ڄڻ تہ اهوئي آهي، (۽ وڌيڪ چيائين تہ) اسان کي هن ڪان اڳ ئي (خدا وٽان ڪجهہ) علم مليل هو (هاڻي توهان جي عقل، علم، سچائي ۽ پيغمبري جي خبر بہ پئجي ويئي) سو هاڻي فرمانبرداري قبول ٿا ڪيون، ۽ اسلام تي اچون ٿا.

وَصَدَّهَا مَا كَانَتْ تَّعْبُدُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۗ اِنَّهَا
كَانَتْ مِنْ قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) (راڻي بلقيس بيشڪ سمجهہ واري هئي پر سندس وڏا توڙي سندس ماڻهو سج جي پوڄا ڪندڙ هئا) انهيءَ ئي ڳالهہ ڪيس (سچي دين ڪان)

روڪي رکيو هو، جو هوءَ (ٻين وانگر) خدا کي ڇڏي ٻين شين جي پوڄا ڪندڙ هئي، ۽ بيشڪ هوءَ ڪافرن جي قوم منجهان هئي (۽ انهن ۾ ڄائي نپني هئي).

قِيۡلَ لَهَا ادۡخُلِى الصَّرۡحَ‌ۚ فَلَمَّا رَاَتۡهُ حَسِبَتۡهُ لُجَّةً وَّكَشَفَتۡ عَنۡ سَاقَيۡهَا‌ ؕ قَالَ اِنَّهٗ صَرۡحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنۡ قَوَارِيۡرَ ؕ قَالَتۡ رَبِّ اِنِّىۡ ظَلَمۡتُ نَفۡسِىۡ وَاَسۡلَمۡتُ مَعَ سُلَيۡمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۴۴﴾

(٤٤) (پوءِ) راڻيءَ کي چيو ويو ته (هاڻي) وڏي محلات ۾ هل. پوءِ جيڪي (اڱڻ ۾) ڏٺائين تنهن کي پاڻيءَ جو دٻو سمجهيائين ۽ (ڪپڙن کي پسڻ کان بچائڻ لاءِ ڪپڙا مٿي ڪنيائين ۽) پنيون ظاهر ڪري وڌائين. (تنهن تي) حضرت سليمان ڪيس چيو ته هڪ محلات آهي جا شيشي جي وڏين سرن يا ٽڪرن سان بنايل آهي (ڪپڙن مٿي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. راڻي غور ڪري) چيو ته اي منهنجا پروردگار (مان پليل هيس) مان پاڻ تي ظلم ڪندي رهي هيس. هاڻي مان حضرت سليمان سان شامل ٿي انهيءَ ئي الله جي ٻانهپ قبول ٿي ڪيان، جو سڄي جهان جو پروردگار آهي.

## رڪوع 4

## حضرت صالح ۽ حضرت لوط ۽ انهن جي قومن جي ذڪر.

وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَاۤ اِلٰى ثَمُوۡدَ اَخَاهُمۡ صٰلِحًا اَنِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ فَاِذَا هُمۡ فَرِيۡقٰنِ يَخۡتَصِمُوۡنَ ﴿۴۵﴾

(٤٥) ۽ هي سچو واقعو آهي ته اسان ثمود قوم جي ماڻهن ڏانهن سندن برادريءَ جي ماڻهوءَ حضرت صالح کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن ڪين چيو ته توهان فقط الله جي ٻانهپ ڪيو (۽ سندس حڪمن جي پيروي ڪيو) پوءِ ڏسو ته ڇا ٿيو جو اهي ماڻهو ٻه ٽوليون ٿي پيا (هڪڙي مومنن جي ۽ ٻي مخالفن جي) جيڪي پاڻ ۾ جهڳڙا ڪندا رهيا.

قَالَ يٰقَوۡمِ لِمَ تَسۡتَعۡجِلُوۡنَ بِالسَّيِّئَةِ قَبۡلَ الۡحَسَنَةِ‌ۚ لَوۡلَا تَسۡتَغۡفِرُوۡنَ اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿۴۶﴾

(٤٦) حضرت صالح چيو ته اي منهنجي قوم جا ماڻهو! ڇو توهان ڇڱائي گهرڻ جي بدران عذاب گهرڻ ۾ تڪڙ لائي ڏني آهي؟ ڇو نٿا الله کان بخشش گهرو ته من. توهان تي رحم ڪري؟

قَالُوا اطَّيَّرۡنَا بِكَ وَبِمَنۡ مَّعَكَ‌ ؕ قَالَ طٰۤئِرُكُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ‌ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ تُفۡتَنُوۡنَ ﴿۴۷﴾

(٤٧) هو چوڻ لڳا ته (اي صالح) تون ۽ تنهنجا ساٿي (مؤمن) اسان جي لاءِ ڀاڳا ۽ منحوس ثابت ٿيا آهيو. حضرت صالح فرمايو ته توهان جو نياڳ الله جي طرف کان آهي (ڇو ته توهان الله تعالي! جي فرمانبرداري ڇڏي ظلم تي سنبري بيٺا آهيو.) بلڪ توهان اها قوم آهيو جنهن جي آزمائس ٿي رهي آهي.

وَكَانَ فِى الۡمَدِيۡنَةِ تِسۡعَةُ رَهۡطٍ يُّفۡسِدُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ وَلَا يُصۡلِحُوۡنَ ﴿۴۸﴾

(٤٨) ۽ انهيءَ شهر ۾ نو شخص هئا جيڪي ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو ڪندا هئا ۽ سڌرڻ جو منجهن امڪان ئي ڪونه هو.

قَالُوۡا تَقَاسَمُوۡا بِاللّٰهِ لَـنُبَيِّتَـنَّهٗ وَاَهۡلَهٗ ثُمَّ لَـنَقُوۡلَنَّ لِوَلِيِّهٖ مَا شَهِدۡنَا مَهۡلِكَ اَهۡلِهٖ وَاِنَّا لَصٰدِقُوۡنَ ﴿۴۹﴾

(٤٩) انهن هڪٻئي کي چيو ته اچو ته الله جي نالي تي قسم کڻون ۽ واعدو ڏيون ته اسان رات جي وقت (لڪي ڇپي) صالح ۽ سندس عيال تي وڃي ڪڙڪنداسين (۽ ڪين قتل ڪري ڇڏينداسين) ۽ پوءِ سندس وارثن

کي (کوڙ هٽي) چونداسين ته اسان ته سندس عيال جي قتل ٿيڻ جي جاءِ به نه ڏٺي آهي ۽ يقيناً اسان سچ ٿا چئون (ته اسان کي ڪا به خبر ڪانهي.)

وَ مَكَرُوْا مَكْرًا وَّ مَكَرْنَا مَكْرًا وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۵۰﴾

(۵۰) هنن ته اهو منصوبو يا تجويز ٺاهي، پر اسان (يعني الله تعالي!) به پنهنجي تجويز تيار رکي جنهن جو هنن کي پتو به ڪونه پيو (هو ناڪامياب ٿيا. اٿلندو پاڻ تباه ٿيا.)

فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ مَكْرِهِمْ ۙ اَنَّا دَمَّرْنٰهُمْ وَ قَوْمَهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۵۱﴾

(۵۱) پوءِ (اي پيغمبر!) ڏس ته سندن منصوبي جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي (۽ نتيجو ڪهڙو نڪتو). اسان انهن (نون شخصن) کي توڙي سندن قوم جي سيني ماڻهن کي ناس ڪري ڇڏيو.

فَتِلْكَ بُيُوْتُهُمْ خَاوِيَةًۢ بِمَا ظَلَمُوْا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۵۲﴾

(۵۲) (اکين سان ڏسو) هي آهن انهن جا گهر جيڪي سندن ئي ظلم جي ڪري ڊاهي ڍير ڪيا ويا. انهيءَ واقعي ۾ بيشڪ انهن ماڻهن لاءِ عبرت جي نشاني آهي، جيڪي علم (۽ عقل) وارا آهن.

وَ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿۵۳﴾

(۵۳) ۽ جن ماڻهن (حضرت صالح تي) ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ۽ نيڪ عملي اختيار ڪيائون تن کي اسان بچائي ورتو.

وَ لُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ وَ اَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ﴿۵۴﴾

(۵٤) ۽ اسان حضرت لوط کي به پيغمبر ڪري موڪليو. ڏسو هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چيو ته، ڇا توهان غليظ بي شرميءَ جو ڪم ڪي رهيا آهيو، اگرچه توهان ڏسو به ٿا (ته اها سخت بي حيائي آهي.)

اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿۵۵﴾

(۵۵) ڇا توهان شهوت سان مردن ڏي ٿا وڃو ۽ عورتن کي ڇڏي ٿا ڏيو. حقيقت هيءَ آهي ته توهان سخت جاهل ماڻهو آهي. (۽ وڏا ظالم ۽ بدڪار آهيو).

فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَخْرِجُوْۤا اٰلَ لُوْطٍ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿۵۶﴾

(۵٦) پر هنن (بدڪارن) وٽ سواءِ هن جي ٻيو جواب ئي ڪونه هو ته لوط جي گهراڻي کي شهر مان ڪڍي ڇڏيو. اهي ماڻهو اڇي پاڪ باز بڻيا آهن!

فَاَنْجَيْنٰهُ وَ اَهْلَهٗۤ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ؗ قَدَّرْنٰهَا مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿۵۷﴾

(۵۷) سو اسان حضرت لوط کي ۽ سندس گهروارن کي سواءِ سندس زال جي (بربادي‌ءَ کان) بچائي ورتو. سندس (منڪر) زال متعلق اسان اها ڳالهه ٺهرائي ڇڏي ته پٺتي رهندڙن ۾ رهجي پوندي (۽ انهن سان گڏ تباهه ٿي ويندي).

وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿۵۸﴾

(۵۸) ۽ (حضرت لوط ۽ سندس عيال جي نڪري وڃڻ بعد) اسان هنن (منڪرن) جي مٿان (پٿرن جو) سخت مينهن وسايو. اهو مينهن ڪهڙو نه هولناڪ ثابت ٿيو انهن ماڻهن لاءِ جن کي (حضرت لوط جي وسيلي) خبردار ڪيو ويو هو (پر هنن نه مڃيو هو).

قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ وَسَلٰمٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰى ؕ آٰللّٰهُ خَيْرٌ اَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۵۹﴾

رڪوع 5

**الله جي نعمتن ۽ قدرتن جو بيان، افسوس جو ان هوندي به جاهل انسان خدا کي ڇڏين ٿا.**

(۵۹) (اي منهنجا پيغمبر!) تون اعلان ڪر ته خاص ساراه الله جي لاءِ آهي ۽ سلامتي هجي سندس انهن ٻانهن تي جن کي پيغمبريءَ لاءِ چونڊيائين. (اي انسانو! ذرا غور ته ڪيو ۽ ڏسو ته) الله تعاليٰ بهتر آهي يا اهي (مخلوق) جن کي خدا سان شريڪ بنايو وڃي ٿو.